## سورة الملك (معنيٰ: حڪومت – بادشاهي) مڪي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**موت ۽ حياتيءَ کي پيدا ڪيائين، هن لاءِ ته اوهان کي آزمائي.**

تَبٰرَكَ الَّذِيۡ بِيَدِهِ الۡمُلۡكُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيۡءٍ قَدِيۡرُ ۙ﴿۱﴾

(۱) اهو (الله) وڏي عظمت وارو آهي، جنهن جي هٿ ۾ (ساري ڪائنات جي) بادشاهي آهي (جو ڪائنات جون سڀ شيون سندس قدرتي قانونن ۽ حڪمن مطابق هلن پيون) ۽ اهو سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

ۣالَّذِيۡ خَلَقَ الۡمَوۡتَ وَالۡحَيٰوةَ لِيَبۡلُوَكُمۡ اَيُّكُمۡ اَحۡسَنُ عَمَلًا ؕ وَهُوَ الۡعَزِيۡزُ الۡغَفُوۡرُ ۙ﴿۲﴾

(۲) جنهن موت ۽ حياتيءَ کي پيدا ڪيو، هن لاءِ ته (پنهنجي قانونن جي عمل ذريعي) اوهان کي آزمائي ته اوهان مان ڪنهن جا عمل چڱا آهن. ۽ اهو (فرد توڙي قومن کي چڱن عملن جو صلو ڏيڻ ۾) زبردست (۽ انهن جي ننڍين لغزشن کي) بخشڻ وارو آهي.

الَّذِيۡ خَلَقَ سَبۡعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ؕ مَا تَرٰى فِيۡ خَلۡقِ الرَّحۡمٰنِ مِنۡ تَفٰوُتٍ ؕ فَارۡجِعِ الۡبَصَرَ ۙ هَلۡ تَرٰى مِنۡ فُطُوۡرٍ ﴿۳﴾

(۳) جنهن ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو. (اي ڏسندڙ! تون ان جي قدرت ۽ رحمت جي اهڙين خوبين تي غور ڪر) تون وڏي مهربان (الله) جي بناوٽ ۾ ڪجهه به فرق نه ڏسندين. (ڏس ته سڀ سيارا پنهنجي پنهنجي مدار تي هلن ٿا ۽ پاڻ ۾ ٽڪرائجن نٿا) پوءِ تون ورائي (آسمان ڏي) نظر ڪر ته، ڇا تون (ڪٿي) ڪو چير يا ڏار ڏسين ٿو؟

ثُمَّ ارۡجِعِ الۡبَصَرَ كَرَّتَيۡنِ يَنۡقَلِبۡ اِلَيۡكَ الۡبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيۡرٌ ﴿۴﴾

(٤) وري تون (خدا جي تخليق ڪيل انهيءَ ڪائنات ۾) نظر کي بار بار موٽاءِ ته (مٿي به توکي بي ترتيبي نظر نه ايندي ۽) توڏي (تنهنجي) نظر ساٽي ٿي موٽندي ۽ اها ٿڪل هوندي.

وَلَقَدۡ زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنۡيَا بِمَصَابِيۡحَ وَجَعَلۡنٰهَا رُجُوۡمًا لِّلشَّيٰطِيۡنِ وَاَعۡتَدۡنَا لَهُمۡ عَذَابَ السَّعِيۡرِ ﴿۵﴾

(٥) ۽ بيشڪ اسان دنيا جي (ويجهي) آسمان کي ڏيئن (تارن) سان سينگاريو آهي ۽ اسان انهن کي شيطانن جي چُٽڻ لاءِ هٿيار بڻايو آهي ۽ اسان انهن لاءِ ڀڙڪندڙ باهه جو عذاب تيار ڪيو آهي. (جيڪي انهن ستارن مان غيب جا حالات معلوم ڪرڻ جي ڪوشش يا دعويٰ ڪن ٿا).

وَلِلَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا بِرَبِّهِمۡ عَذَابُ جَهَنَّمَ ؕ وَبِئۡسَ الۡمَصِيۡرُ ﴿۶﴾

(٦) ۽ جن (خدائي قانونن جي خلاف ورزي ڪندي) پنهنجي پاليندڙ جو انڪار ڪيو، تن لاءِ (دنيا ۾ به تباهي ۽ بربادي آهي ۽ آخرت ۾) دوزخ جي سزا آهي ۽ اها موٽڻ جي جاءِ بڇڙي آهي.

اِذَاۤ اُلۡقُوۡا فِيۡهَا سَمِعُوۡا لَهَا شَهِيۡقًا وَّهِيَ تَفُوۡرُ ۙ﴿۷﴾

(۷) جڏهن ان ۾ کين اڇلايو ويندو ته انهن جون (ڪربناڪ رڙيون ۽) ۽ هينگون ٻڌڻ ۾ ايندیون ۽ اهو (جهنم) پيو ٽهڪندو.

تَكَادُ تَمَيَّزُ مِنَ الۡغَيۡظِ ؕ كُلَّمَاۤ اُلۡقِيَ فِيۡهَا فَوۡجٌ سَاَلَهُمۡ خَزَنَتُهَاۤ اَلَمۡ يَاۡتِكُمۡ نَذِيۡرٌ ﴿۸﴾

(۸) (ائين پيو لڳندو) ڄڻ ته ڪاوڙ ڪان اجهو ٿو ڦاٽي. جڏهن به ان ۾ ڪنهن ٽوليءَ کي اڇلايو ويندو ته ان جا داروغا ڪائن پڇندا ته، اوهان وٽ (بدعملين جي تباهه ڪندڙ نتيجن کان) ڪو ديڄارڻ وارو نه آيو هو ڇا؟

قَالُوْا بَلٰى قَدْ جَآءَنَا نَذِيْرٌ ۙ فَكَذَّبْنَا وَقُلْنَا مَا نَزَّلَ اللّٰهُ مِنْ شَیْءٍ ۚۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِیْ ضَلٰلٍ كَبِیْرٍ ﴿٩﴾

(٩) اهي چوندا ته، چو نه! بيشڪ اسان وٽ ڊيڄارڻ وارو (الله جو پيغام ڏيندڙ) آيو هو، پوءِ اسان (ان کي) ڪوڙو ڪيو ۽ چيو سون ته الله ڪا به شيءِ نازل نه ڪئي آهي. (۽ جيڪي ماڻهو ان کي مڃن پيا تن کي الٽو ٿوڪيون پيا ته) اوهين ته وڏيءَ گمراهيءَ ۾ پيا آهيو.

وَقَالُوْا لَوْ كُنَّا نَسْمَعُ اَوْ نَعْقِلُ مَا كُنَّا فِیْۤ اَصْحٰبِ السَّعِیْرِ ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ چوندا، (ته اسان عقل ۽ فڪر کان ڪم ئي نه ورتو رڳو ضد ۽ انڌي تقليد ۾ انهن جي مخالفت ڪئي) اسين (هيڪر انهن کي) ٻڌون ها يا سمجهون ها ته دوزخين (جي جماعت) ۾ (ڪڏهن به داخل) نه ٿيون ها.

فَاعْتَرَفُوْا بِذَنْۢبِهِمْ ۚ فَسُحْقًا لِّاَصْحٰبِ السَّعِیْرِ ﴿١١﴾

(١١) پوءِ (عذاب کي پنهنجي اکين سان ڏسي) انهن پنهنجو ڏوهه مڃيو. پوءِ دوزخي (وقت وڃائي آيا ۽ هاڻي رحمت کان) پري هجن.

اِنَّ الَّذِیْنَ یَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَیْبِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ كَبِیْرٌ ﴿١٢﴾

(١٢) بيشڪ جيڪي پنهنجي پالڻهار کان پرپٺ ڊڄن ٿا (۽ غلط عملين جي نتيجن کان خبردار رهن ٿا) تن لاءِ (ننڍين لغزشن کان) معافي ۽ وڏو اجر آهي.

وَاَسِرُّوْا قَوْلَكُمْ اَوِ اجْهَرُوْا بِهٖ ؕ اِنَّهٗ عَلِیْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ (اي ماڻهو!) اوهين (خدا جي قانونن تي هلڻ متعلق) پنهنجي ڳالهه لڪائي ڪريو يا کليءَ طرح علي الاعلان ڪريو، اهو ته سينن جون ڳالهيون (۽ اتي اڀرڻ وارا خيال به) ڄاڻيندڙ آهي.

اَلَا یَعْلَمُ مَنْ خَلَقَ ؕ وَهُوَ اللَّطِیْفُ الْخَبِیْرُ ﴿١٤﴾

(١٤) ڀلا جنهن پيدا ڪيو آهي، سو (اهي ڳالهيون) نه ڄاڻندو ڇا؟ اهو ته اونهيءَ نظر وارو پوري خبر رکندڙ آهي.

رڪوع 2

**پوري ڪائنات ۾ ڪٿي به بدنظمي ۽ بي ربطي نظر نه ايندي.**

هُوَ الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ ذَلُوْلًا فَامْشُوْا فِیْ مَنَاكِبِهَا وَكُلُوْا مِنْ رِّزْقِهٖ ؕ وَاِلَیْهِ النُّشُوْرُ ﴿١٥﴾

(١٥) هو اهو آهي جنهن اوهان لاءِ (رزق جي سرچشمي) زمين کي تابع ڪيو آهي، پوءِ ان جي رستن تي هلو ۽ الله جي رزق مان کائو ۽ (هي نه سمجهو ته ان رزق جي سرچشمن جا اوهان اڪيلا ۽ بي پڇا مالڪ آهيو، بلڪ اها اوهان وٽ امانت آهي، جنهن جي حساب لاءِ اوهان جو) ان ڏي ئي جيئرو ٿي اٿڻ آهي.

ءَاَمِنْتُمْ مَّنْ فِی السَّمَآءِ اَنْ یَّخْسِفَ بِكُمُ الْاَرْضَ فَاِذَا هِیَ تَمُوْرُ ۙ ﴿١٦﴾

(١٦) (اوهان جو رزق جي معاملي ۾ پاڻ کي آزاد ۽ بي پڇا ٿا سمجهو) ڇا جيڪو (الله) آسمانن ۾ آهي تنهن کان اوهان کي ڊپ ڪونهي ته متان اوهان کي رزق جي ساڳئي سرچشمي) زمين ۾ ٻڪائي ڇڏي پوءِ اها ڏڏڻ لڳي؟

اَمْ اَمِنْتُمْ مَّنْ فِی السَّمَآءِ اَنْ یُّرْسِلَ عَلَیْكُمْ حَاصِبًا ؕ فَسَتَعْلَمُوْنَ كَیْفَ نَذِیْرِ ﴿١٧﴾

(١٧) يا وري، جيڪو (الله) آسمان ۾ آهي تنهن کان اوهان کي اهو ڊپ ڪونهي ته متان اوهان تي پٿر وسائڻ وارو واءُ موڪلي؟ (هن وقت اوهان هنن ڳالهين کي مذاق سمجهو ٿا) پر سگهوئي ڄاڻندو ته منهنجو ڊيڄارڻ ڪيئن آهي.

وَلَقَدْ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيْرِ ﴿۱۸﴾

(۱۸) ۽ بيشڪ جيڪي انهن کان اڳ هئا تن (به اهڙي طرح) ڪوڙو ڪيو. پوءِ (انهن جي تاريخ ۾ جاچيو ته) منهنجو روڪڻ ڪيئن هو؟ (۽ سندن نتيجو ڪهڙي تباهي ۽ بربادي جي شڪل ۾ سامهون آيو).

اَوَلَمْ يَرَوْا اِلَى الطَّيْرِ فَوْقَهُمْ صٰٓفّٰتٍ وَّيَقْبِضْنَ ؕۘ مَا يُمْسِكُهُنَّ اِلَّا الرَّحْمٰنُ ؕ اِنَّهٗ بِكُلِّ شَيْءٍۢ بَصِيْرٌ ﴿۱۹﴾

(۱۹) ڇا پنهنجي مٿان پرن کي پکيڙيندڙ ۽ بند ڪندڙن پکين ڏي انهن نه ڏٺو آهي؟ انهن کي وڏي مهربان (الله جي جوڙيل قانونن) کان سواءِ ٻيو ڪو به (ڪِرڻ کان) نٿو جهلي. بيشڪ اهو ته (زندگيءَ جي لوازمات لاءِ) سڀ ڪنهن شيءِ کي ڏسندڙ آهي.

اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ هُوَ جُنْدٌ لَّكُمْ يَنْصُرُكُمْ مِّنْ دُوْنِ الرَّحْمٰنِ ؕ اِنِ الْكٰفِرُوْنَ اِلَّا فِيْ غُرُوْرٍ ۚ ﴿۲۰﴾

(۲۰) ڀلا اهو لشڪر اوهان جو ڪهڙو آهي جو اوهان کي (آفتن کان بچڻ لاءِ) وڏي مهربان (الله) کان سواءِ مدد ڏئي ٿو؟ ڪافر ته رڳو (سرڪشي ۽ خودفريبيءَ جي) ڌوڪي ۾ پيل آهن.

اَمَّنْ هٰذَا الَّذِيْ يَرْزُقُكُمْ اِنْ اَمْسَكَ رِزْقَهٗ ۚ بَلْ لَّجُّوْا فِيْ عُتُوٍّ وَّنُفُوْرٍ ﴿۲۱﴾

(۲۱) ڀلا اهو ٻيو ڪير آهي، جيڪو اوهان کي رزق ڏيندو، جيڪڏهن الله (زمين جي صلاحيت ختم ڪري) پنهنجو رزق جهلي ڇڏي؟ پر (هي ڳالهيون ڪين سمجهه ۾ نٿيون اچن جو) اهي سرڪشي ۽ نفرت ۾ ورتا پيا آهن.

اَفَمَنْ يَّمْشِيْ مُكِبًّا عَلٰى وَجْهِهٖٓ اَهْدٰٓى اَمَّنْ يَّمْشِيْ سَوِيًّا عَلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ﴿۲۲﴾

(۲۲) ڇا پوءِ جيڪو شخص پنهنجي منهن ڀر ڪرندو هلي ٿو سو وڌيڪ سڌي رستي وارو آهي يا اهو جو سڌي رستي تي سنئون سڌو ٿي هلي ٿو؟

قُلْ هُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَكُمْ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْاَبْصَارَ وَالْاَفْـِٕدَةَ ؕ قَلِيْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ ﴿۲۳﴾

(۲۳) (اي پيغمبر!) چئو ته، هو اهو آهي جنهن اوهان کي (انسان ڪري) پيدا ڪيو ۽ اوهان لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون بڻايون. (جن سان اوهان ان جي آيتن کي ٻڌي ان جي تخليق کي ڏسي ۽ ان جي مثالن کي سمجهي سگهو پر) اوهين تمام ٿورو احسان مڃيو ٿا.

قُلْ هُوَ الَّذِيْ ذَرَاَكُمْ فِي الْاَرْضِ وَاِلَيْهِ تُحْشَرُوْنَ ﴿۲۴﴾

(۲٤) (اي پيغمبر!) چئو ته، هو اهو آهي، آهي جنهن اوهان کي زمين ۾ پکيڙيو (پر اوهان جو اهو پکڙجڻ ضابطي کان ٻاهر نه هجي) ۽ اوهان ان ڏانهن ئي (پنهنجي ڪئي ڪيتي جو حساب ڏيڻ لاءِ) گڏ ڪيا ويندو.

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿۲۵﴾

(۲۵) ۽ (پنهنجي ڪئي جو حساب ڏيڻ جي ڳالهه تي اهي منڪر مسلمانن کي) چون ٿا، ٻڌايو ته هيءَ (تباهي ۽ سزا وارو) انجام ڪڏهن پورو ٿيندو، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو؟

قُلْ اِنَّمَا الْعِلْمُ عِنْدَ اللّٰهِ ۖ وَاِنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿۲۶﴾

(۲٦) (اي پيغمبر!) چئو ته، (اها) خبر رڳو الله وٽ ئي آهي، ۽ آئون ته رڳو (غلط ڪارين جي تباه ڪندڙ نتيجن کان) پڌرو ديڄاريندڙ آهيان.

فَلَمَّا رَاَوْهُ زُلْفَةً سِيْٓـَٔتْ وُجُوْهُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَقِيْلَ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تَدَّعُوْنَ ﴿۲۷﴾

(۲۷) پوءِ جڏهن ان (انجام) کي ويجهو (ايندو) ڏسندا تڏهن ڪافرن جا منهن (ڪارا) بڇڙا ٿي ويندا ۽ (ان وقت کين) چيو ويندو ته، هي اهو (عذاب) آهي جيڪو اوهين (سڏي سڏي) گهرندا هيئو.

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَهْلَكَنِيَ اللّٰهُ وَمَنْ مَّعِيَ اَوْ رَحِمَنَا ۙ فَمَنْ يُّجِيْرُ الْكٰفِرِيْنَ مِنْ عَذَابٍ اَلِيْمٍ ﴿٢٨﴾

(٢٨) (اي پيغمبر!) چئو ته، جيڪڏهن الله مون کي ۽ جيڪي مون سان گڏ آهن تن کي پڪڙ ۾ آڻي يا اسان تي رحم ڪري (اهو فڪر نه ڪريو، بلڪ اوهان فڪر رکو هن ڳالهه جو ڪريو ته اوهان جي انڪار ۽ اڪڙ تي) ڪير آهي جو (اوهان) ڪافرن کي دردناڪ عذاب کان بچائيندو؟

قُلْ هُوَ الرَّحْمٰنُ اٰمَنَّا بِهٖ وَعَلَيْهِ تَوَكَّلْنَا ۚ فَسَتَعْلَمُوْنَ مَنْ هُوَ فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٩﴾

(٢٩) (اي پيغمبر!) چئو ته، اهو (الله) وڏو مهربان آهي، جنهن تي اسان ايمان آندو ۽ ان (جي رحمت وارن اصولن) تي اسان ڀروسو ڪيو. پوءِ سگهوئي اوهين ڄاڻندو ته (اسان ۽ اوهان مان) ڪير پڌري گمراهيءَ ۾ آهي. (۽ ڪير صحيح رستي تي هلي رهيو آهي؟)

قُلْ اَرَءَيْتُمْ اِنْ اَصْبَحَ مَآؤُكُمْ غَوْرًا فَمَنْ يَّاْتِيْكُمْ بِمَآءٍ مَّعِيْنٍ ﴿٣٠﴾

(٣٠) (اي پيغمبر! ڪين) چئو ته، ٻڌايو ته جيڪڏهن اوهان (ان جي پالڻهاريءَ جي مقرر ڪيل طريقن کي نه مڃيندو ۽ اوهان) جو پاڻي سڪي وڃي (جنهن تي اوهان جي زندگيءَ جو دارومدار آهي) ته ڪير اوهان وٽ وهندڙ پاڻي آڻيندو؟

## سورة القلم—مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**ڪافر خواهش ڪن ٿا ته، تون نرم ٿيئن ته پوءِ هو به نرم ٿين.**

نٓ وَالْقَلَمِ وَمَا يَسْطُرُوْنَ ۙ﴿١﴾

(١) قسم آهي، قلم جو ۽ ان جو جيڪي (علم) لکندا آهن (سي شاهد آهن ته تون عاليشان تعليم ڏيندڙ آهين.)

مَآ اَنْتَ بِنِعْمَةِ رَبِّكَ بِمَجْنُوْنٍ ۚ﴿٢﴾

(٢) ته (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالڻهار جي فضل (نبوت) سان (همڪنار آهين) ڪو چريو نه آهين.

وَاِنَّ لَكَ لَاَجْرًا غَيْرَ مَمْنُوْنٍ ۚ﴿٣﴾

(٣) ۽ بيشڪ تو لاءِ ته (تنهنجي ڪوشش جو) اڻ کٽ اجر آهي.

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ﴿٤﴾

(٤) ۽ بيشڪ تون (سيرت ۾ به) وڏي خلق وارو آهين. (ڪين اها ڳالهه به نٿي سمجهائي ته تون سيرت ۾ به مثالي آهين.).

فَسَتُبْصِرُ وَيُبْصِرُوْنَ ۙ﴿٥﴾

(٥) پوءِ تون به ڏسندين ۽ اهي (ڪافر) به ڏسندا. (جو سگهو عملي طرح اها ڳالهه واضح ٿيندي.)

بِاَيِّكُمُ الْمَفْتُوْنُ ﴿٦﴾

(٦) ته اوهان مان ڪير چريو آهي.

اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِمَنْ ضَلَّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۠ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿٧﴾

(٧) بيشڪ تنهنجو پالڻهار ان کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي، جيڪو سندس (فرمانبرداريءَ واري سڌي) رستي کان ڀليو ۽ اهو سڌي رستي تي هلندڙن کي به چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي.

| | |
|---|---|
| فَلَا تُطِعِ الْمُكَذِّبِيْنَ ۝٨ | (٨) پوءِ (اي پيغمبر!) تون ڪوڙ ٻڪيندڙن جي (سندن ڪوڙ تي) تابعداري نہ ڪر. |
| وَدُّوْا لَوْ تُدْهِنُ فَيُدْهِنُوْنَ ۝٩ | (٩) اهي خواهش ڪن ٿا تہ، (اهڙن طعنن کان تنگ اچي) تون ڍرو؟ ٿئين، پوءِ هو بہ (مفاهمت لاءِ) ڍرا ٿين. |
| وَلَا تُطِعْ كُلَّ حَلَّافٍ مَّهِيْنٍ ۝١٠ | (١٠) ۽ تون ڪنهن بہ اهڙي شخص جي تابعداري نہ ڪر، جو (اهو پست ذهنيت جي ڪري) گھڻا قسم کائڻ وارو، خوار هجي. |
| هَمَّازٍ مَّشَّآءٍ بِنَمِيْمٍ ۝١١ | (١١) طعنا هڻندڙ، (جو ڪيس تنهنجي جماعت ۾ ڪتي بہ چڱائي نظر نٿي اچي) چغليون ڪٽي هلندڙ. (تہ جيئن فتنو ۽ فساد پيدا ٿئي). |
| مَّنَّاعٍ لِّلْخَيْرِ مُعْتَدٍ اَثِيْمٍ ۝١٢ | (١٢) (پاڻ بہ چڱو ڪم نہ ڪري ۽ ٻين کي بہ) چڱي ڪم کان روڪيندڙ، (سرڪشيءَ ۾) حد کان لگھندڙ، ڏوهاري، (انسانيت لاءِ تعميري ڪم ۾ سڀ کان پٺتي). |
| عُتُلٍّ بَعْدَ ذٰلِكَ زَنِيْمٍ ۝١٣ | (١٣) بڇڙي طبيعت وارو (۽) ان کانپوءِ بداصل هجي. (هميشہ نيت اها تہ ماڻهن جو سڀ ڪجھ هڙپ ڪري وڃي). |
| اَنْ كَانَ ذَا مَالٍ وَّ بَنِيْنَ ۝١٤ | (١٤) (پوءِ بہ هو معتبر بڻيل آهي) هن ڪري تہ اهو سرمائيوارو ۽ اولاد (۽ ڦهليل خاندان) وارو آهي. |
| اِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيْرُ الْاَوَّلِيْنَ ۝١٥ | (١٥) (دولت ۽ قوت جي نشي ۾ سندس ڪيفيت هيءَ آهي جو) جڏهن ڪيس اسان جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن تيون تہ (نفرت ۽ آڪڙ وچان) چوي ٿو تہ، هي اڳين جون آکاڻيون آهن. |
| سَنَسِمُهٗ عَلَى الْخُرْطُوْمِ ۝١٦ | (١٦) سگھوئي ڪيس (انهيءَ آڪڙيل ڪي) نڪ تي ڏنڀ ڏينداسون. |
| اِنَّا بَلَوْنٰهُمْ كَمَا بَلَوْنَآ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ ۚ اِذْ اَقْسَمُوْا لَيَصْرِمُنَّهَا مُصْبِحِيْنَ ۝١٧ | (١٧) (اي پيغمبر!) اسان انهن (سرمائي پرستن) کي اهڙيءَ طرح آزمايو جهڙيءَ طرح باغ وارن کي آزمايوسون. جڏهن انهن قسم (کائي پڪ ڪري ڇڏي هئي) تہ صبح ٿيندي ئي ان (جي ميوي) کي پٽيندا. |
| وَلَا يَسْتَثْنُوْنَ ۝١٨ | (١٨) ۽ (ان مان مسڪينن جو حصو) جدا نہ ڪندا. |
| فَطَافَ عَلَيْهَا طَآئِفٌ مِّنْ رَّبِّكَ وَهُمْ نَآئِمُوْنَ ۝١٩ | (١٩) پوءِ ان (باغ) تي تنهنجي پاليندڙ جي طرفان ڪا ڦيرو (پائي چٽ ڪرڻ واري (آفت) گھمي وئي ۽ اهي ستا ئي رهيا. (جو سندن سمورو فصل چٽ تي ويو. |
| فَاَصْبَحَتْ كَالصَّرِيْمِ ۝٢٠ | (٢٠) پوءِ اهو پيليل (زمين) جهڙو ٿي پيو. |
| فَتَنَادَوْا مُصْبِحِيْنَ ۝٢١ | (٢١) پوءِ صبح ٿيندي ئي (فصل پٽڻ لاءِ) هڪٻئي کي سڏيائون. |

اَنِ اغْدُوْا عَلٰى حَرْثِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰرِمِيْنَ ﴿۲۲﴾

(۲۲) ته پنهنجي پوک تي جلدي هلو، جيڪڏهن اوهان کي ميوو پٽڻو آهي.

فَانْطَلَقُوْا وَهُمْ يَتَخَافَتُوْنَ ﴿۲۳﴾

(۲۳) پوءِ (ٽينگ ٽپا ڏيندا) پاڻ ۾ هڪٻئي کي هوريان چوندا هليا.

اَنْ لَّا يَدْخُلَنَّهَا الْيَوْمَ عَلَيْكُمْ مِّسْكِيْنٌ ﴿۲۴﴾

(۲۴) ته اڄ ان (باغ) ۾ اوهان وٽ ڪوبه محتاج ۽ مسڪين اندر نه اچي.

وَّغَدَوْا عَلٰى حَرْدٍ قٰدِرِيْنَ ﴿۲۵﴾

(۲۵) ۽ اهي سوير پهتا ۽ (اهڙو انتظام ڪيائون جو مسڪينن) کي روڪڻ جي ڪين سگهه هئي.

فَلَمَّا رَاَوْهَا قَالُوْٓا اِنَّا لَضَآلُّوْنَ ﴿۲۶﴾

(۲۶) پوءِ جڏهن ان (باغ) کي ڏٺائون ته چيائون ته اسين رستو ڀليل آهيون. (ڪٿي هي ٻين جو باغ ته ناهي؟!)

بَلْ نَحْنُ مَحْرُوْمُوْنَ ﴿۲۷﴾

(۲۷) (جڏهن اڪيون مهٽي پڪ ڪيائون ته پوءِ رڙ نڪري وين ته نه نه!) پر اسين بي نصيب آهيون. (۽ اسان جو سڀ ڪجهه لٽجي ويو).

قَالَ اَوْسَطُهُمْ اَلَمْ اَقُلْ لَّكُمْ لَوْلَا تُسَبِّحُوْنَ ﴿۲۸﴾

(۲۸) سندن چڱي مڙس چيو ته مون اوهان کي نه چيو ها ڇا ته الله جي (قانونن تي هلي ان جي) پاڪائي ڇو نٿا بيان ڪريو. (۽ سندس فرمانبرداريءَ ۾ ڇو نٿا اچو).

قَالُوْا سُبْحٰنَ رَبِّنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿۲۹﴾

(۲۹) انهن چيو ته اسان جو پالڻهار پاڪ آهي (اهو ڪنهن جي محنت ائين ضايع نه ڪندو آهي) بيشڪ اسان (مسڪينن ۽ غريبن جي حقن کان اکيون ٻوٽي ڇڏيون سو) پاڻ تي ظلم ڪيو.

فَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ يَّتَلَاوَمُوْنَ ﴿۳۰﴾

(۳۰) پوءِ هڪٻئي کي سامهون ٿي هڪٻئي کي ملامت ڪرڻ لڳا.

قَالُوْا يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا طٰغِيْنَ ﴿۳۱﴾

(۳۱) چوڻ لڳا ته هاءِ! اسان جي خرابي! بيشڪ اسين (ڏيڻ وارن خدائي قانونن جي) حد کان لنگهندڙ هئاسون.

عَسٰى رَبُّنَآ اَنْ يُّبْدِلَنَا خَيْرًا مِّنْهَآ اِنَّآ اِلٰى رَبِّنَا رٰغِبُوْنَ ﴿۳۲﴾

(۳۲) (هينئر اسان خدائي قانونن تي عمل طرف موٽون ٿا) اميد آهي ته اسان جو پالڻهار هن کان ڀلو (باغ) اسان کي بدلي ۾ ڏئي. بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار ۾ ئي اميد رکندڙ آهيون.

كَذٰلِكَ الْعَذَابُ ۭ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۳۳﴾

(۳۳) (اي پيغمبر! تون خدائي قانونن سان سرڪشي ڪندڙن کي ٻڌاءِ ته) اهڙيءَ طرح ئي (نافرماني ۽ ناشڪريءَ جو) عذاب آهي ۽ آخرت جو عذاب ته تمام وڏو آهي، جيڪڏهن (اها ڳالهه) سمجهن ٿا.

رڪوع 2

**سگهوئي اسان منڪرن کي آهستي آهستي ڪري پڪڙيندا سون، جتان ڪين خبر به نه پوندي.**

اِنَّ لِلْمُتَّقِيْنَ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتِ النَّعِيْمِ ﴿۳۴﴾

(۳۴) (ٻئي طرف واري خدا جي قانونن تي عمل ڪندڙ ۽ مسڪينن محتاجن جو خيال رکندڙ) پرهيزگارن لاءِ سندن پالڻهار وٽ نعمت جا باغ آهن.

| | |
|---|---|
| أَفَنَجْعَلُ الْمُسْلِمِينَ كَالْمُجْرِمِينَ ﴿٣٥﴾ | (٣٥) پوءِ اسين (مهربانين جي عطا ۾ خدائي قانونن جي) تابعدارن کي (سرڪشي ڪندڙ) ڏوهارين جهڙو ڪنداسون ڇا؟ |
| مَا لَكُمْ ۚ كَيْفَ تَحْكُمُونَ ﴿٣٦﴾ | (٣٦) اوهان کي ڇا ٿيو آهي (جو جيئن دل ۾ اچيو ٿو تيئن ڪيو ٿا؟ خدا جي قانونن کي اورانگهڻ جو آخر) ڪيئن فيصلو ڪريو ٿا؟ |
| أَمْ لَكُمْ كِتَابٌ فِيهِ تَدْرُسُونَ ﴿٣٧﴾ | (٣٧) يا تہ اوهان وٽ ڪو (اهڙو خدائي) ڪتاب آهي جنهن ۾ (پنهنجي مرضي اختيار ڪرڻ جي اجازت) پڙهو ٿا؟ |
| إِنَّ لَكُمْ فِيهِ لَمَا تَخَيَّرُونَ ﴿٣٨﴾ | (٣٨) (يا الله کان اوهان لکي ورتو آهي تہ هتي جيئن وڻيو تيئن ڪندا وتو ۽) آخرت ۾ اوهان لاءِ اها شيءِ (تيار پئي) آهي جا پسند ڪريو ٿا. |
| أَمْ لَكُمْ أَيْمَانٌ عَلَيْنَا بَالِغَةٌ إِلَىٰ يَوْمِ الْقِيَامَةِ ۙ إِنَّ لَكُمْ لَمَا تَحْكُمُونَ ﴿٣٩﴾ | (٣٩) يا اوهان (مان ڪو ٻڌائي تہ ان) جا اسان جي ذمي ڪي پڪا انجام ۽ قسم آهن ڇا؟ جيڪي قيامت جي ڏينهن تائين هلندا تہ (اتي) جنهن شيءِ جو اوهين حڪم ڪريو سا اوهان لاءِ (حاضر) آهي. |
| سَلْهُمْ أَيُّهُمْ بِذَٰلِكَ زَعِيمٌ ﴿٤٠﴾ | (٤٠) (اي پيغمبر!) انهن کان پڇ تہ. انهن مان ڪير ان (ڳالهہ) جو ذميوار آهي؟ (جيڪو سيني تي هٿ هڻي چوي تہ. مان خدا سان انهيءَ قسم جو عهد ڪيو آهي.) |
| أَمْ لَهُمْ شُرَكَاءُ فَلْيَأْتُوا بِشُرَكَائِهِمْ إِنْ كَانُوا صَادِقِينَ ﴿٤١﴾ | (٤١) يا تہ انهن جا ڪي (الله سان ٺهرايل) شريڪ آهن ڇا؟ (جن ڪين اهڙي خاطري ڪرائي آهي) پوءِ جيڪڏهن سچا آهن تہ پنهنجي (ٺهرايل) شريڪن کي وٺي اچن. (۽ پنهنجي گهڙيل ڪوڙين دعوائن جي صداقت جو ثبوت ڏين). |
| يَوْمَ يُكْشَفُ عَنْ سَاقٍ وَيُدْعَوْنَ إِلَى السُّجُودِ فَلَا يَسْتَطِيعُونَ ﴿٤٢﴾ | (٤٢) (اهو سڀ من گهڙت آهي ۽ خدا جو مڪافات وارو قانون اٽل آهي. سو ان وقت کي ياد ڪر) جنهن ڏينهن (پريشان حاليءَ ۾ تيز ڀڄندي سندن) پني ڪولي ويندي ۽ ڪين سجدي ڏي سڏيو ويندو. پوءِ (دنيا ۾ سجدي نہ ڪرڻ ڪري اتي بہ) سجدو نہ ڪري سگهندا. |
| خَاشِعَةً أَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ۖ وَقَدْ كَانُوا يُدْعَوْنَ إِلَى السُّجُودِ وَهُمْ سَالِمُونَ ﴿٤٣﴾ | (٤٣) سندن اکيون (ندامت کان) جهڪيل هونديون. انهن کي خواري ويڙهي ويئي هوندي. هوڏانهن (ان ڏينهن کان اڳ جڏهن) ڪين سجدي ڏي سڏيو ويندو هو (تہ بيپرواهي ڪندا هئا) ۽ اهي (توٽي جو ان وقت) چڱا ڀلا هئا. |
| فَذَرْنِي وَمَنْ يُكَذِّبُ بِهَٰذَا الْحَدِيثِ ۖ سَنَسْتَدْرِجُهُمْ مِنْ حَيْثُ لَا يَعْلَمُونَ ﴿٤٤﴾ | (٤٤) پوءِ (اي پيغمبر!) تون پنهنجي ڪم سان لڳو رهہ) پوءِ ڇڏ مون کي ۽ انهن کي بہ جيڪي هن مڪافات واري) ڳالهہ کي ڪوڙو چون ٿا (تن کي منهنجي حوالي ڇڏ). سگهوئي اسين ڪين آهستي آهستي ڪري پڪڙ ۾ آڻينداسون. جتان ڪين خبر بہ نہ پوندي. |

وَاُمۡلِیۡ لَهُمۡ ؕ اِنَّ کَیۡدِیۡ مَتِیۡنٌ ﴿۴۵﴾

(٤٥) ۽ انهن کي آئون (هن وقت) ڍر ڏيان ٿو. بيشڪ منهنجي رٿ تمام پڪي آهي. (انهيءَ ڪري هي ان جي گرفت مان ٻاهر نٿا وڃي سگهن.)

اَمۡ تَسۡـَٔلُهُمۡ اَجۡرًا فَهُمۡ مِّنۡ مَّغۡرَمٍ مُّثۡقَلُوۡنَ ﴿۴۶﴾

(٤٦) (هي جو توکان پڇڻ گهرن ٿا) ڇا تون انهن کان ڪا اجرت گهرين ٿو ڇا، جو چٽيءَ جي ڪري مٿن ڳرو بار پئجي ويو آهي.

اَمۡ عِنۡدَهُمُ الۡغَیۡبُ فَهُمۡ یَکۡتُبُوۡنَ ﴿۴۷﴾

(٤٧) يا انهن وٽ غيب جو علم آهي ڇا (جو سمجهن ٿا ته جيڪو تون چوين ٿو اهو واقعي ۾ ٿيندو ئي ڪونه) پوءِ هو لکندا ٿا وڃن.

فَاصۡبِرۡ لِحُکۡمِ رَبِّکَ وَلَا تَکُنۡ کَصَاحِبِ الۡحُوۡتِ ۘ اِذۡ نَادٰی وَهُوَ مَکۡظُوۡمٌ ﴿۴۸﴾

(٤٨) پوءِ (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم تي ثابت قدم رهه ۽ مڇيءَ واري (پيغمبر يونس جهڙو) نه ٿيءُ. جنهن وقت ان پڪاريو ۽ (جيڪو قوم جي مخالفت کان گهٻرائجي وقت کان پهريائين هجرت ڪري هليو ويو ٿوٽي جو) اهو رنج ۽ الم سان ڀريل هو.

لَوۡلَاۤ اَنۡ تَدٰرَکَهٗ نِعۡمَۃٌ مِّنۡ رَّبِّهٖ لَنُبِذَ بِالۡعَرَآءِ وَهُوَ مَذۡمُوۡمٌ ﴿۴۹﴾

(٤٩) جيڪڏهن ان کي سندس پالڻهار جي طرفان رحمت نه پهچي ها ته کيس رڻ پٽ ۾ اڇلايو وڃي ها ۽ هو بري حال ۾ هجي ها. (جو اتان نڪري نه سگهي ها.)

فَاجۡتَبٰهُ رَبُّهٗ فَجَعَلَهٗ مِنَ الصّٰلِحِیۡنَ ﴿۵۰﴾

(٥٠) پوءِ سندس پالڻهار ان کي (عارضي مصيبت مان ڪڍي کيس) نوازيو پوءِ نيڪن مان ڪيائينس.

وَاِنۡ یَّکَادُ الَّذِیۡنَ کَفَرُوۡا لَیُزۡلِقُوۡنَکَ بِاَبۡصَارِهِمۡ لَمَّا سَمِعُوا الذِّکۡرَ وَیَقُوۡلُوۡنَ اِنَّهٗ لَمَجۡنُوۡنٌ ﴿۵۱﴾

(٥١) ۽ (اي پيغمبر!) بيشڪ ڪافر ته هن ڳالهه تي اچي بيٺا آهن جو جڏهن توکان قرآن ٻڌن ٿا تڏهن توکي پنهنجين (گهورينڌڙ) اکين سان ٿيڙي ڇڏين. (۽ هلڙ بازيءَ جي طريقن سان توکي پريشان ڪن) ۽ چون ٿا ته هي چريو آهي.

وَمَا هُوَ اِلَّا ذِکۡرٌ لِّلۡعٰلَمِیۡنَ ﴿۵۲﴾

(٥٢) (پر تون انهن کان گهٻراءِ نه. ان ڪري جو هي قرآن صرف هن قوم لاءِ ناهي.) هوڏانهن اهو جهانن (جي سڀني قومن لاءِ) نصيحت ئي آهي. (پوءِ جيڪو به ان مان نصيحت حاصل ڪري).

## سورة الحاقہ –مکي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**نافرمان هن دنيا ۾ به گرفت ۾ اچن ٿا ۽ آخرت ۾ به انهن کي پورو بدلو ملندو.**

اَلۡحَآقَّۃُ ۙ﴿۱﴾

(١) ثابت ٿيڻ واري (سزا ۽ تباهي اجهو ثابت ٿي).

مَا الۡحَآقَّۃُ ۚ﴿۲﴾

(٢) اها ثابت ٿيڻ واري (سزا) ڇا آهي؟

وَمَاۤ اَدۡرٰىکَ مَا الۡحَآقَّۃُ ؕ﴿۳﴾

(٣) ۽ توکي ڪهڙي خبر ته اها ثابت ٿيڻ واري (سزا) ڇا آهي؟ (اسان کان وڌيڪ توکي بهتر سمجهائڻ وارو ڪير ٿي سگهي ٿو).

| | |
|---|---|
| كَذَّبَتْ ثَمُودُ وَعَادٌ بِالْقَارِعَةِ ﴿٤﴾ | (٤) (ساڳي تباهي تو کان اڳين قومن تي بہ آئي ۽) ثمود ۽ عاد (جي قومن بدعملين جي نتيجي ۾) وڏي مصيبت (جي اچڻ) کي ڪوڙو ڪيو. |
| فَأَمَّا ثَمُودُ فَأُهْلِكُوا بِالطَّاغِيَةِ ﴿٥﴾ | (٥) پوءِ ثمود (جي قوم) کي حد کان لگهندڙ (سخت آواز) سان هلاڪ ڪيو ويو. |
| وَأَمَّا عَادٌ فَأُهْلِكُوا بِرِيحٍ صَرْصَرٍ عَاتِيَةٍ ﴿٦﴾ | (٦) ۽ عاد (جي قوم) کي حد کان لگهندڙ تيز (ٿڌي) هوا سان هلاڪ ڪيو ويو. |
| سَخَّرَهَا عَلَيْهِمْ سَبْعَ لَيَالٍ وَثَمَانِيَةَ أَيَّامٍ حُسُومًا فَتَرَى الْقَوْمَ فِيهَا صَرْعَىٰ كَأَنَّهُمْ أَعْجَازُ نَخْلٍ خَاوِيَةٍ ﴿٧﴾ | (٧) جنهن کي (الله)مٿن ست راتيون ۽ اٺ ڏينهن لڳاتار هلايو (پوءِ اي ڳالهه ٻڌندڙ! جيڪڏهن تون اتي ڏسين ها تہ) تون ان قوم کي ان زمين تي ائين منهن ڀر اونڌو) ڪريل ڏسين ها ڄڻ تہ اهي پورين ڪجين جا ٿڙ (پيل) آهن. |
| فَهَلْ تَرَىٰ لَهُمْ مِنْ بَاقِيَةٍ ﴿٨﴾ | (٨) پوءِ ڇا تون انهن مان ڪو بچيل ڏسين ٿو؟ (اهي ڌرتيءَ تان نيست ۽ نابود ٿي ويا. |
| وَجَاءَ فِرْعَوْنُ وَمَنْ قَبْلَهُ وَالْمُؤْتَفِكَاتُ بِالْخَاطِئَةِ ﴿٩﴾ | (٩) ۽ فرعون ۽ جيڪي ان کان اڳ هئا (تن جو بہ بڇڙو حشر ٿيو) ۽ (حضرت لوط جي قوم جو بہ) جن جون وستيون اونڌيون ڪري سٽيون ويون جو ڏوهہ ڪيائون. |
| فَعَصَوْا رَسُولَ رَبِّهِمْ فَأَخَذَهُمْ أَخْذَةً رَابِيَةً ﴿١٠﴾ | (١٠) پوءِ انهن پنهنجي پالڻهار جي موڪليل (رسول) جي نافرماني ڪئي، پوءِ الله (جي مڪافات واري قانون) کين تمام سخت پڪڙ ڪئي. |
| إِنَّا لَمَّا طَغَى الْمَاءُ حَمَلْنَاكُمْ فِي الْجَارِيَةِ ﴿١١﴾ | (١١) (اي ماڻهوءَ! نبين جي ساٿ ڏيڻ تي اسان توهان جو ساٿ ڏنو ۽ نوح نبيءَ جي وقت ۾) جڏهن پاڻي حد کان لنگهي ويو تڏهن اوهان کي ٻيڙيءَ ۾ سوار ڪيوسون. |
| لِنَجْعَلَهَا لَكُمْ تَذْكِرَةً وَتَعِيَهَا أُذُنٌ وَاعِيَةٌ ﴿١٢﴾ | (١٢) هن لاءِ ان (واقعي) کي اوهان لاءِ يادگار (۽ عبرت) بڻايون ۽ ان (قسم جي مڪافات وارن واقعن) کي ڪو ياد رکڻ وارو ڪَن (نصيحت وٺڻ جي لاءِ) ياد رکي. |
| فَإِذَا نُفِخَ فِي الصُّورِ نَفْخَةٌ وَاحِدَةٌ ﴿١٣﴾ | (١٣) پوءِ جڏهن (وري آخرت جي مڪافات وارو مرحلو ايندو تہ ان وقت) صورت ۾ هڪ ڦوڪ ڦوڪي ويندي. |
| وَحُمِلَتِ الْأَرْضُ وَالْجِبَالُ فَدُكَّتَا دَكَّةً وَاحِدَةً ﴿١٤﴾ | (١٤) ۽ (ان وقت) زمين ۽ جبل (پنهنجي جاءِ تان) مٿي کنيا ويندا پوءِ ٻنهي کي هڪ ئي ڀيري ڪٽي ذريون ذريون ڪيو ويندو. |
| فَيَوْمَئِذٍ وَقَعَتِ الْوَاقِعَةُ ﴿١٥﴾ | (١٥) تڏهن ان ڏينهن ٿيڻ واري (قيامت) ٿي پوندي. |
| وَانْشَقَّتِ السَّمَاءُ فَهِيَ يَوْمَئِذٍ وَاهِيَةٌ ﴿١٦﴾ | (١٦) ۽ آسمان ڦاٽندو، پوءِ اهو ان ڏينهن لاچار ٿيل هوندو. |

وَّالْمَلَكُ عَلٰٓى اَرْجَآئِهَا ؕ وَيَحْمِلُ عَرْشَ رَبِّكَ فَوْقَهُمْ يَوْمَئِذٍ ثَمٰنِيَةٌ ؕ ١٧

(١٧) ۽ ملائڪ (جيڪي ان تي ڦهليل آهن سي) ان جي ڪنارن تي هوندا، ۽ تنهنجي پاليندڙ (جي انوار ۽ تجلين) جو (مرڪز ۽) تخت ان ڏينهن (ميدان ۾ محشرت ۾ آٽي) اٺ ملائڪ پاڻ تي ڪٽندا.

يَوْمَئِذٍ تُعْرَضُوْنَ لَا تَخْفٰى مِنْكُمْ خَافِيَةٌ ١٨

(١٨) ان ڏينهن اوهان کي (الله جي) سامهون ڪيو ويندو، اوهان جي ڪابہ ڳالھ (الله کان) لڪل نہ هوندي.

فَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِيَمِيْنِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ هَآؤُمُ اقْرَءُوْا كِتٰبِيَهْ ۚ ١٩

(١٩) پوءِ جنهن کي سندس اعمال نامون سندس سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو سو (خوشيءَ کان) چوندو تہ وٺو منهنجو عمل نامون پڙهو.

اِنِّيْ ظَنَنْتُ اَنِّيْ مُلٰقٍ حِسَابِيَهْ ۚ ٢٠

(٢٠) مون کي يقين هو تہ ضرور (دنيا ۾ ڪيل نيڪ عملين وارو) حساب مونکي ملندو. (سو مليو).

فَهُوَ فِيْ عِيْشَةٍ رَّاضِيَةٍ ۙ ٢١

(٢١) پوءِ اهو (پنهنجي لاءِ) وڻندڙ مزن ۾ هوندو.

فِيْ جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ۙ ٢٢

(٢٢) (انهن مزن جي) اعليٰ بهشت ۾ هوندو.

قُطُوْفُهَا دَانِيَةٌ ٢٣

(٢٣) جنهن جا ميوا (ايترو تہ) جهڪيل هوندا. (جو آسانيءَ سان پڪڙي سگهبا).

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـئًا بِمَآ اَسْلَفْتُمْ فِي الْاَيَّامِ الْخَالِيَةِ ٢٤

(٢٤) (اتي کين چيو ويندو تہ) انهن (نيڪو ڪارين) جي صلي ۾ جيڪي اوهان گذريل ڏينهن ۾ اڳي موڪليون هيون، سلامتيءَ سان کائو ۽ پيئو.

وَاَمَّا مَنْ اُوْتِيَ كِتٰبَهٗ بِشِمَالِهٖ ۙ فَيَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ لَمْ اُوْتَ كِتٰبِيَهْ ۚ ٢٥

(٢٥) ۽ جنهن کي سندس اعمالنامو سندس ڪابي هٿ ۾ ڏنو ويندو سو (نهايت حسرت ۽ ندامت وچان) چوندو تہ جيڪر مونکي پنهنجو اعمالنامو نہ ڏنو وڃي ها!

وَلَمْ اَدْرِ مَا حِسَابِيَهْ ۚ ٢٦

(٢٦) ۽ نڪي مونکي خبر پوي ها تہ منهنجو (هيڏانهن موڪليل عملن جو) حساب ڇا آهي؟

يٰلَيْتَهَا كَانَتِ الْقَاضِيَةَ ۚ ٢٧

(٢٧) ڪنهن طرح اهو (موت) منهنجو خاتمو ڪندڙ هجي ها.

مَآ اَغْنٰى عَنِّيْ مَالِيَهْ ۚ ٢٨

(٢٨) (افسوس جو) مونکي منهنجو مال ڪجھ ڪم نہ آيو. (جنهن تي زندگيءَ ۾ آءٌ پڏندو هوس.

هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ۚ ٢٩

(٢٩) منهنجي معتبرائپ بہ مون کان هلي وئي.

خُذُوْهُ فَغُلُّوْهُ ۙ ٣٠

(٣٠) (پوءِ ان ماڻهوءَ لاءِ ملائڪن کي چيو ويندو تہ) ان کي جهليو ۽ ڳٽ وجهوس.

ثُمَّ الْجَحِيْمَ صَلُّوْهُ ۙ ٣١

(٣١) پوءِ دوزخ ۾ هڻوس.

ثُمَّ فِيْ سِلْسِلَةٍ ذَرْعُهَا سَبْعُوْنَ ذِرَاعًا فَاسْلُكُوْهُ ؕ ٣٢

(٣٢) (اتي دوزخ ۾) وري اهڙي زنجير ۾ قابو ڪريوس جنهن جي ڊيگھ ستر هٿ هجي.

إِنَّهُ كَانَ لَا يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ الْعَظِيْمِ ﴿٣٣﴾

(٣٣) جو تہ اهو عظمت واري الله تي (ان جي ربوبيت ۽ رزاقيءَ تي) ايمان نہ آڻيندو هو.

وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ﴿٣٤﴾

(٣٤) (ان کري حالت اها هيس جو) مسڪين ماڻهن جي کاڌي جو (ماڻهن کي) شوق نہ ڏياريندو هو. (نہ اهڙي ماحول جوڙڻ جو فڪر ڪندو هو).

فَلَيْسَ لَهُ الْيَوْمَ هٰهُنَا حَمِيْمٌ ﴿٣٥﴾

(٣٥) (دنيا ۾ هنن الله جي مسڪين ٻانهن کي دوست نہ رکيو) اڄ ان جو هتي ڪوبہ دوست نہ آهي.

وَّلَا طَعَامٌ اِلَّا مِنْ غِسْلِيْنٍ ﴿٣٦﴾

(٣٦) ۽ نہ (هن ٽچڪندڙ عذاب ۾ ان لاءِ) ڦٽن جي پونءِ کان سواءِ ٻيو ڪو کاڌو آهي.

لَّا يَأْكُلُهٗٓ اِلَّا الْخَاطِئُوْنَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) جنهن کي ڏوهارين کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ کائيندو. (خطا ڪارن جي اها ئي غذا آهي).

رڪوع 2

**جيڪڏهن پيغمبر ڪي ڳالهيون پاڻ ناهي اسان تي هڻي تہ پوءِ سندس دل جي رڳ وڍي ڇڏيون.**

فَلَآ اُقْسِمُ بِمَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٨﴾

(٣٨) پوءِ (اي ماڻهو!) جن (شين) کي اوهين ڏسو ٿا، اهي بہ شاهد آهن.

وَمَا لَا تُبْصِرُوْنَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) ۽ (ايندڙ دور جي) جن (ايجاد ٿيندڙ ۽ منڪشف ٿيندڙ حقيقتن) کي نٿا ڏسو، اهي بہ شاهدي ڏينديون.

اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٍ كَرِيْمٍ ﴿٤٠﴾

(٤٠) تہ بيشڪ اهو (قرآن) خوبين واري پيغام پهچائيندڙ رسول جو ئي ڪلام آهي.

وَّمَا هُوَ بِقَوْلِ شَاعِرٍ ۚ قَلِيْلًا مَّا تُؤْمِنُوْنَ ﴿٤١﴾

(٤١) ۽ اهو ڪنهن شاعر جو ڪلام نہ آهي. (بلڪ خدا جو وحي آهي) اوهين (عقل ۽ سمجهہ کان ڪم وٺي انهن حقيقتن کي زندگيءَ جو ضابطو نٿا بڻايو) بلڪل ٿورو اعتبار ڪريو ٿا.

وَلَا بِقَوْلِ كَاهِنٍ ۚ قَلِيْلًا مَّا تَذَكَّرُوْنَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) ۽ ائين بہ ناهي تہ هي ڪنهن اڳڪٿي ڪرڻ واري (ماڻهوءَ) جو ڪلام آهي اوهين ( (يقل ۽ سمجهہ کان ڪم وٺي انهن حقيقتن کي زندگيءَ جو ضابطو نٿا بڻايو) بلڪل ٿورو اعتبار ڪريو ٿا.

تَنْزِيْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) (حقيقت هيءَ آهي تہ) اهو جهانن جي پالڻهار پاران (فردن ۽ قومن لاءِ رهنما ڪري) نازل ڪيل آهي.

وَلَوْ تَقَوَّلَ عَلَيْنَا بَعْضَ الْاَقَاوِيْلِ ﴿٤٤﴾

(٤٤) ۽ جيڪڏهن (پيغمبر) ڪي ڳالهيون پاڻ ناهي اسان تي هڻي.

لَاَخَذْنَا مِنْهُ بِالْيَمِيْنِ ﴿٤٥﴾

(٤٥) تہ اسين (سگهہ وارو) سڄو هٿ ان جو جهليون.

ثُمَّ لَقَطَعْنَا مِنْهُ الْوَتِيْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) پوءِ سندس شهه رڳ وڍي ڇڏيون، (جو قصو اڳتي ئي نہ وڌي).

فَمَا مِنْكُمْ مِّنْ اَحَدٍ عَنْهُ حٰجِزِيْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) پوءِ اوهان مان ڪوبہ (اسان کي) ائين ڪرڻ کان روڪڻ وارو نہ هجي ها.

وَاِنَّهٗ لَتَذْكِرَةٌ لِّلْمُتَّقِيْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ بيشڪ اهو (قرآن زندگيءَ جي تباهين کان بچڻ واسطي) پرهيزگارن لاءِ نصيحت آهي.

وَاِنَّا لَنَعْلَمُ اَنَّ مِنْكُمْ مُّكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾

(٤٩) ۽ بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا تہ اوهان مان ڪي (زندگيءَ جي تباهين کان بي فلڪا ماڻهو) ان کي ڪوڙو ڪندڙ آهن.

وَاِنَّهٗ لَحَسْرَةٌ عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٥٠﴾

(٥٠) (ڪو فرق نٿو پوي انهن جي انڪار جو) بيشڪ اهو (قرآن انهن نہ مڃيندڙ) ڪافرن لاءِ (اڳتي هلي) پشيماني (جو ڪارڻ) آهي.

وَاِنَّهٗ لَحَقُّ الْيَقِيْنِ ﴿٥١﴾

(٥١) ۽ بيشڪ اهو (قرآن ۽ ان جو ضابطن وارو سرشتو) ٺوس حقيقت آهي.

فَسَبِّحْ بِاسْمِ رَبِّكَ الْعَظِيْمِ ﴿٥٢﴾

(٥٢) پوءِ (اي پيغمبر! نہ مڃيندڙن کي ڏکهو رسو آهي ۽ تون) عظمت واري پنهنجي پاليندڙ (جي پيغام ۽ پروگرام جي سرگرميءَ ذريعي) جي نالي جي پاڪائي بيان ڪندو رهہ.

**سورة المعارج (معنيٰ: وڏا مرتبا) مڪي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**قيامت ڏينهن ڏوهاري خواهش ڪندو تہ جيڪر پنهنجا پٽ، زال، ڀائر ۽ جيڪي ڪجهہ زمين ۾ آهي، سو بدلي ۾ ڏيئي پنهنجي جان ڇڏايان.**

سَاَلَ سَآئِلٌۢ بِعَذَابٍ وَّاقِعٍ ﴿١﴾

(١) (نہ مڃيندڙن مان ٽوڪ ڪندي) هڪ سوال ڪندڙ ڪافرن تي پوندڙ عذاب بابت سوال ڪيو. (تہ ڪڏهن اهو عذاب ڪڙڪندو؟)

لِّلْكٰفِرِيْنَ لَيْسَ لَهٗ دَافِعٌ ﴿٢﴾

(٢) (ڪين ڄڻو تہ) ان کي ڪوبہ هٽائڻ وارو نہ آهي.

مِّنَ اللّٰهِ ذِي الْمَعَارِجِ ﴿٣﴾

(٣) جو (ڍيرج جي) وڏن ڪرتبن ۽ مرحلن واري الله جي طرفان (انهن تي مڪافات واري قانون هيٺ نيٺ تہ ايندو.)

تَعْرُجُ الْمَلٰٓئِكَةُ وَالرُّوْحُ اِلَيْهِ فِيْ يَوْمٍ كَانَ مِقْدَارُهٗ خَمْسِيْنَ اَلْفَ سَنَةٍ ﴿٤﴾

(٤) ملائڪ ۽ (ايمان وارن جا) روح ان ڏي اهڙي ڏينهن ۾ چڙهندا جنهن جي ڊگهائي (دنيا جي) پنجاهہ هزار ورهين (جي برابر) ٿيندي.

فَاصْبِرْ صَبْرًا جَمِيْلًا ﴿٥﴾

(٥) پوءِ (اي پيغمبر! تون انهن جي مخالفت جي پرواهہ نہ ڪر ۽) تون سهڻي نموني سان (ثابت قدم رهي) صبر ڪر.

اِنَّهُمْ يَرَوْنَهٗ بَعِيْدًا ﴿٦﴾

(٦) بيشڪ اهي ان (ڏينهن) کي پري ڏسن ٿا.

وَّنَرٰىهُ قَرِيْبًا ﴿٧﴾

(٧) ۽ اسين ان کي ويجهو ڏسون ٿا.

| | |
|---|---|
| يَوْمَ تَكُوْنُ السَّمَآءُ كَالْمُهْلِ ﴿۸﴾ | (۸) (۽ جنهن وقت اهو اچي ڪڙڪيو ته) ان ڏينهن آسمان رجايل ٽامي جهڙو ٿيندو. |
| وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ ﴿۹﴾ | (۹) ۽ (مضبوط بيٺل) جبل رنگارنگي پڃيل ان جهڙا (ڦلڙا) ٿي ويندا. |
| وَلَا يَسْـَٔلُ حَمِيْمٌ حَمِيْمًا ﴿۱۰﴾ | (۱۰) (نفسا نفسيءَ جي حالت هوندي) ۽ ڪوبه ويجهي ۾ ويجهو مائٽ ڪنهن به ويجهي ۾ ويجهي مائٽ کان پڇندو به نه. |
| يُّبَصَّرُوْنَهُمْ ؕ يَوَدُّ الْمُجْرِمُ لَوْ يَفْتَدِيْ مِنْ عَذَابِ يَوْمِئِذٍۭ بِبَنِيْهِ ﴿۱۱﴾ | (۱۱) (توڙي جو) اهي هڪ ٻئي کي ڏسڻ ۾ به ايندا. ڏوهاري خواهش ڪندو ته جيڪر ان ڏينهن جي عذاب (کان بچڻ خاطر) بدلي ۾ پنهنجا پٽ. |
| وَصَاحِبَتِهٖ وَاَخِيْهِ ﴿۱۲﴾ | (۱۲) ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجو ڀاءُ. |
| وَفَصِيْلَتِهِ الَّتِيْ تُــْٔوِيْهِ ﴿۱۳﴾ | (۱۳) ۽ پنهنجو گهراڻو، جن سان هو رهندو هو. (فديي طرو ڏئي پنهنجي جان ڇڏائي). |
| وَمَنْ فِي الْاَرْضِ جَمِيْعًا ۙ ثُمَّ يُنْجِيْهِ ﴿۱۴﴾ | (۱٤) ۽ جيڪي زمين ۾ سڀ آهي سو به بدلي ۾ ڏئي وري اهو (بدلو ڏيڻ) ان کي (ان عذاب مان) ڇڏائي. |
| كَلَّا ؕ اِنَّهَا لَظٰى ﴿۱۵﴾ | (۱۵) (پر) ائين ڪڏهن به نه ٿيندو، بيشڪ اها ڀڙڪندڙ باهه آهي. |
| نَزَّاعَةً لِّلشَّوٰى ﴿۱۶﴾ | (۱٦) جيڪا کل کي زور سان ڇڪي لاهيندڙ آهي. |
| تَدْعُوْا مَنْ اَدْبَرَ وَتَوَلّٰى ﴿۱۷﴾ | (۱۷) (اها باهه آواز ڏئي) ان کي (پاڻ ڏي) سڏيندي جنهن (دنيا ۾ خدا جي ربوبيت ۽ ورهاست واري نظام کان) پٺ ڦيري ۽ (ان جي فرمانبرداريءَ کان) منهن موڙيو. |
| وَجَمَعَ فَاَوْعٰى ﴿۱۸﴾ | (۱۸) ۽ (مال) گڏ ڪيو، پوءِ (تجوڙيون ڀري يا ڪا ڪٽي جمع ڪري) سنڀالي رکيو. |
| اِنَّ الْاِنْسَانَ خُلِقَ هَلُوْعًا ﴿۱۹﴾ | (۱۹) بيشڪ انسان (وحي جي تعليمات کان سواءِ پنهنجي جوهر ۾) ڪمزور دل پيدا ڪيو ويو آهي. |
| اِذَا مَسَّهُ الشَّرُّ جَزُوْعًا ﴿۲۰﴾ | (۲۰) (نتيجي ۾) جڏهن انکي تڪليف پهچي ٿي ته بي صبر ۽ بزدل ٿيو پوي. |
| وَّاِذَا مَسَّهُ الْخَيْرُ مَنُوْعًا ﴿۲۱﴾ | (۲۱) ۽ جڏهن خوشحالي پهچيس ٿي ته (خير جي ڪمن کان) ڪنجوس ٿيو پوي. |
| اِلَّا الْمُصَلِّيْنَ ﴿۲۲﴾ | (۲۲) پر نمازي (يعني فرمانبردار) ائين نه ڪندا آهن. |
| الَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ دَآئِمُوْنَ ﴿۲۳﴾ | (۲۳) جيڪي پنهنجي نماز (۽ پنهنجي فرمانبرداريءَ) تي هميشه پورا آهن. |

وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ ﴿٢٤﴾ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ﴿٢٥﴾

(٢٤۽ ٢٥) (انهن جي فرمانبرداريءَ جي علامت اها آهي جو مال کي صرف پنهنجي انفرادي مفاد لاءِ نہ سمجهندا آهن، بلڪ) انهن جي مالن ۾ سوالي ۽ بي سوالي (محتاج ۽ زندگيءَ جي ضرورتن کان محروم ماڻهن) لاءِ مقرر حق آهي. (جيڪو الله جي سونپيل امانت سمجهي انهن تائين رسائيندا آهن.)

وَالَّذِيْنَ يُصَدِّقُوْنَ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٢٦﴾

(٢٦) (اهي ئي ماڻهو آهن) جيڪي حساب جي ڏينهن کي (پنهنجي عمل سان) سچو مڃين ٿا.

وَالَّذِيْنَ هُمْ مِّنْ عَذَابِ رَبِّهِمْ مُّشْفِقُوْنَ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ جيڪي پنهنجي پالڻهار جي گرفت ۽ عذاب کان ڊڄندڙ آهن.

اِنَّ عَذَابَ رَبِّهِمْ غَيْرُ مَاْمُوْنٍ ﴿٢٨﴾

(٢٨) جو تہ (الله جي قانون جي خلاف ورزيءَ تي ڀي پناهہ آهي ئي ڪونہ، ان ڪري) سندن پالڻهار جو عذاب بي ڊپي ٿيڻ جي شيءِ نہ آهي.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِفُرُوْجِهِمْ حٰفِظُوْنَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) (سندن خاصيت هيءَ بہ آهي تہ) پنهنجين عصمتن جي حفاظت ڪندڙ آهن. (اهي مرد توڙي عورتون).

اِلَّا عَلٰٓى اَزْوَاجِهِمْ اَوْ مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُهُمْ فَاِنَّهُمْ غَيْرُ مَلُوْمِيْنَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) (ٻين کان) بچائيندڙ آهن. سواءِ پنهنجي زالن ۽ ملڪ تي ويل عورتن جي. جو تہ (انهن کان شرمگاهن نہ بچائڻ ۾) اهي ملامت ڪيل نہ آهن.

فَمَنِ ابْتَغٰى وَرَآءَ ذٰلِكَ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْعٰدُوْنَ ﴿٣١﴾

(٣١) پوءِ جيڪي ان کان سواءِ (جنسي تعلق ۾ ٻيو ڪجهہ ڪرڻ) گهرندا سي ئي حد کان لنگهندڙ آهن.

وَالَّذِيْنَ هُمْ لِاَمٰنٰتِهِمْ وَعَهْدِهِمْ رٰعُوْنَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) (انهن جي خاصيت هيءَ بہ آهي تہ) اهي پنهنجي امانتن (جي حفاظت) ۽ پنهنجي انجام (کي پوري ڪرڻ) جو خيال رکندڙ آهن.

وَالَّذِيْنَ هُمْ بِشَهٰدٰتِهِمْ قَآئِمُوْنَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ جيڪي (ڪنهن معاملي تي شاهدي ڏين ٿا تہ) پنهنجي شاهدين تي پورا بيهندڙ آهن.

وَالَّذِيْنَ هُمْ عَلٰى صَلَاتِهِمْ يُحَافِظُوْنَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ جيڪي پنهنجي نماز جي (هميشہ) پابندي ڪن ٿا.

اُولٰٓئِكَ فِيْ جَنّٰتٍ مُّكْرَمُوْنَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) اهي (ئي آهن جيڪي هميشہ) باغن ۾ عزت وارا ٿي رهندا.

رڪوع 2

**منڪرن جي نموني بازين جي الله کي پرواهہ ڪونهي. ڪيس طاقت آهي تہ انهن کان چڱا آڻي.**

فَمَالِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا قِبَلَكَ مُهْطِعِيْنَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) پوءِ (اي پيغمبر! انهن) ڪافرن کي ڇا ٿيو آهي جو (مٿي ڇاٽايل ڳالهين کي ڪوڙو ڪرڻ لاءِ) توڏي ڊوڙندا اچن ٿا.

عَنِ الْيَمِيْنِ وَعَنِ الشِّمَالِ عِزِيْنَ ﴿٣٧﴾

(٣٧) ساڄي پاسي کان ۽ کاٻي پاسي کان ٽوليون ٿي،

أَيَطْمَعُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ أَنْ يُدْخَلَ جَنَّةَ نَعِيمٍ ﴿٣٨﴾

(٣٨) (۽ ساڳي وقت) انهن مان سيڪو شخص هيءَ طمع بہ رکي ٿو تہ (ساڳين حالن تي رهندي) ڇو نہ ان کي نعمت جي باغ ۾ داخل ڪيو وڃي؟

كَلَّا إِنَّا خَلَقْنَاهُمْ مِمَّا يَعْلَمُونَ ﴿٣٩﴾

(٣٩) ائين ڪيئن ٿيندو! بيشڪ اسان انهن کي جنهن (ڪريائتي مادي) مان پيدا ڪيو آهي، تنهن کي هو ڄاڻن ٿا.

فَلَا أُقْسِمُ بِرَبِّ الْمَشَارِقِ وَالْمَغَارِبِ إِنَّا لَقَادِرُونَ ﴿٤٠﴾

(٤٠) پوءِ قسم ٿو کڻان اڀرندن ۽ الهندن جي پالڻهار جو (ان جو پالڻهاريءَ وارو نظام شاهدي ڏيندو) تہ بيشڪ اسان کي هيءَ قدرت آهي تہ

عَلَىٰ أَنْ نُبَدِّلَ خَيْرًا مِنْهُمْ وَمَا نَحْنُ بِمَسْبُوقِينَ ﴿٤١﴾

(٤١) انهن (پالڻهاريءَ واري نظام جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجندڙ ماڻهن) جي بدلي ۾ (دنيا ۾ ئي) انهن کان بهتر (ماڻهو) آڻيون، ۽ اسين (ائين ڪرڻ ۾) ڪي عاجز نہ آهيون.

فَذَرْهُمْ يَخُوضُوا وَيَلْعَبُوا حَتَّىٰ يُلَاقُوا يَوْمَهُمُ الَّذِي يُوعَدُونَ ﴿٤٢﴾

(٤٢) پوءِ (اي پيغمبر!) کين ڇڏي ڏي تہ بڪ ڪندا وتن (بي مقصد ڪوشش جون ٻاراڻيون) رانديون ڪن، ايتري تائين جو اهي پنهنجي ان (نتيجي واري) ڏينهن کي ڏسن جنهن جو انهن کي وعدو ڏنو وڃي ٿو.

يَوْمَ يَخْرُجُونَ مِنَ الْأَجْدَاثِ سِرَاعًا كَأَنَّهُمْ إِلَىٰ نُصُبٍ يُوفِضُونَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) جنهن ڏينهن قبرن مان ڊوڙندا نڪرندا ڄڻ تہ اهي ڪنهن ڪتل نشان ڏي ڊوڙندا وڃن ٿا.

خَاشِعَةً أَبْصَارُهُمْ تَرْهَقُهُمْ ذِلَّةٌ ذَٰلِكَ الْيَوْمُ الَّذِي كَانُوا يُوعَدُونَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) (ان وقت شرمساريءَ وچان) سندن اکيون هيٺ هونديون، انهن کي خواري ويڙهي ويئي هوندي. اهوئي اهو ڏينهن آهي جنهن جو کين (وري وري) وعدو ڏنو ويندو هو.

## سورة نوح —مکي

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**حضرت نوح جا پنهنجي قوم کي هدايت جو رستو وٺڻ لاءِ حيلا ۽ ڪوششون.**

إِنَّا أَرْسَلْنَا نُوحًا إِلَىٰ قَوْمِهِ أَنْ أَنْذِرْ قَوْمَكَ مِنْ قَبْلِ أَنْ يَأْتِيَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ ﴿١﴾

(١) بيشڪ اسان نوح کي سندس قوم ڏي (پيغام رسائيندڙ ڪري) موڪليو، تہ تون پنهنجيءَ قوم کي (سندن غلط ڪارين جي نتيجي ۾) مٿن دردناڪ عذاب اچڻ کان اڳ وڃي (ان جي تباهہ ڪندڙ نتيجن کان) ڊيڄار!

قَالَ يَا قَوْمِ إِنِّي لَكُمْ نَذِيرٌ مُبِينٌ ﴿٢﴾

(٢) ان (کين) چيو تہ اي منهنجي قوم! (توهان جون غلط ڪاريون، توهان کي تباهيءَ جي طرف وٺي وڃي رهيون آهن) بيشڪ آئون اوهان لاءِ پڌرو ڊيڄاريندڙ آهيان.

أَنِ اعْبُدُوا اللَّهَ وَاتَّقُوهُ وَأَطِيعُونِ ﴿٣﴾

(٣) (جيڪڏهن اوهان ان تباهيءَ کان بچڻ گهرو ٿا تہ پوءِ) الله جي عبادت ڪريو ۽ ان جي فرمانبرداري ڪيو (۽ سندس فرمانبرداريءَ جا جيڪي قانون ۽ حڪم مان عمل ۾ آڻيان ٿو تنهن ۾) منهنجي اطاعت ڪيو.

يَغْفِرْ لَكُمْ مِّنْ ذُنُوْبِكُمْ وَيُؤَخِّرْكُمْ اِلٰٓى اَجَلٍ مُّسَمًّى ۭ اِنَّ اَجَلَ اللّٰهِ اِذَا جَاۗءَ لَا يُؤَخَّرُ ۘ لَوْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ۝۴

(٤) (اوهان ائين ڪيو ته الله) اوهان جا (پويان) گناه اوهان کي معاف ڪري ۽ اوهان کي (صحيح واٽ تي هلڻ جي) مقرر وقت تائين مهلت ڏئي (۽ تباهي کان محفوظ رکي) جيڪڏهن اوهان ائين نه ڪيو ته پوءِ هلاڪت لاءِ الله جو مقرر ڪيل وقت جڏهن ايندو تڏهن ان کي پٺتي نه ڪيو ويندو. جيڪڏهن (اوهان الله جي مڪافات واري نظام ۽ قانون کي) ڄاڻو ٿا.

قَالَ رَبِّ اِنِّىْ دَعَوْتُ قَوْمِىْ لَيْلًا وَّنَهَارًا ۝۵

(٥) (نوح) چيو ته، اي منهنجا پالينڌڙ! بيشڪ مون پنهنجيءَ قوم کي رات ۽ ڏينهن (تنهنجي عظمت کي مڃڻ ۽ تنهنجي حڪمن تي هلڻ لاءِ) سڏيو.

فَلَمْ يَزِدْهُمْ دُعَاۗءِيْٓ اِلَّا فِرَارًا ۝۶

(٦) پوءِ منهنجي سڏڻ تي (دين کان) هيڪاري زياده ڀڄڻ لڳا.

وَاِنِّىْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَاسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَاَصَرُّوْا وَاسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا ۝۷

(٧) ۽ بيشڪ مون جڏهن به کين سڏيو ته جيئن تون انهن کي (سندن ايمان ۽ عاجزيءَ تي) معاف ڪرين ته انهن (ترڙائپ ۽ سرڪشيءَ وچان) پنهنجون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾ وڌيون (تان ته حق جي ڳالهه ٻڌڻ ئي نه) ۽ (حقارت وچان منهن لڪائڻ ۽ نه ڏسڻ لاءِ) پنهنجي ڪپڙا پاڻ تي ويڙهيائون ۽ (پنهنجا انڪار تي) قائم رهيا ۽ تمام گهڻو هٺ ڪيائون.

ثُمَّ اِنِّىْ دَعَوْتُهُمْ جِهَارًا ۝۸

(٨) وري (ٻي) بيشڪ مون کين وڏي واڪي سڏيو.

ثُمَّ اِنِّىْٓ اَعْلَنْتُ لَهُمْ وَاَسْرَرْتُ لَهُمْ اِسْرَارًا ۝۹

(٩) وري مون کين چٽو پڌرو به چيو، ۽ تمام ڳجهيءَ طرح (به) کين چيم. (مطلب ته نصيحت جو ڪو طريقو نه ڇڏيم.)

فَقُلْتُ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ۭ اِنَّهٗ كَانَ غَفَّارًا ۝۱۰

(١٠) پوءِ کين چيم ته، (توهان جون غلط ڪاريون توهان لاءِ تباهي آڻينديون سو) پنهنجي پالينڌڙ (جي قانونن تي هلي ان) کان معافي گهرو! بيشڪ اهو گهڻو معاف ڪندڙ آهي.

يُّرْسِلِ السَّمَاۗءَ عَلَيْكُمْ مِّدْرَارًا ۝۱۱

(١١) ته اوهان تي (راضي ٿي اهڙو برڪت ڀريو) جهجهو مينهن وسائي، (جو توهان جون بنجر زمينون آباد ٿي وڃن).

وَّيُمْدِدْكُمْ بِاَمْوَالٍ وَّبَنِيْنَ وَيَجْعَلْ لَّكُمْ جَنّٰتٍ وَّيَجْعَلْ لَّكُمْ اَنْهٰرًا ۝۱۲

(١٢) ۽ اوهان کي مال ۽ پٽ گهڻا ڏئي، اوهان لاءِ باغ بنائي ۽ (انهن جي سيرابيءَ واسطي) اوهان لاءِ نهرون ٺاهي. (جڏهن معاشرو خدا جي قانونن تي هلندو ته، ان جي سهڻي انتظام سان هر قسم جون سهولتون ٿينديون.)

مَا لَكُمْ لَا تَرْجُوْنَ لِلّٰهِ وَقَارًا ۝۱۳

(١٣) (مان حيران آهيان جو اوهان الله جي وجود کي به مڃيو ٿا، پر) اوهان کي ڇا ٿيو آهي جو الله جي عظمت ۽ بزرگيءَ جو ويساه نٿا رکو. (۽ ان جي قانونن تي نٿا هلو.)

وَقَدْ خَلَقَكُمْ اَطْوَارًا ﴿١٤﴾

(١٤) هو ڏانهن (ڏسو تہ ڪيئن تخليق جا مختلف مرحلا طئہ ڪندي) اوهان کي طرح طرح سان بڻايو اٿس.

اَلَمْ تَرَوْا كَيْفَ خَلَقَ اللّٰهُ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ طِبَاقًا ﴿١٥﴾

(١٥) ڇا اوهين نٿا ڏسو تہ، الله ڪيئن (ستن سيارن وانگر) ستن آسمانن کي طبقا طبقا بڻايو؟ (۽ اهي سيارا بہ ان جي مقرر قانونن ۽ نظام تي ڪائنات لاءِ محڪم مثال بڻيل آهن).

وَّجَعَلَ الْقَمَرَ فِيْهِنَّ نُوْرًا وَّجَعَلَ الشَّمْسَ سِرَاجًا ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ انهن ۾ چنڊ کي (رات جو) روشن ڪيائين ۽ سج کي (ڏينهن جي لاءِ) ڏيئو ڪيائين. (۽ اوهان بہ جيڪڏهن ان جي مقرر ڪيل نظام تي هلو تہ اوهان جا بہ ڏينهن ۽ راتيون روشن ٿي وڃن).

وَاللّٰهُ اَنْۢبَتَكُمْ مِّنَ الْاَرْضِ نَبَاتًا ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ الله اوهان کي هڪ طرح سان (نباتات جي نظام تي) زمين مان پيدا ڪيو آهي. (جو نباتات جون غذا حاصل ڪندڙ پاڙون، وڻ ۽ ان جي پڪڙيل هر پن ۽ ٽار لاءِ هڪجيترو مفيد آهن).

ثُمَّ يُعِيْدُكُمْ فِيْهَا وَيُخْرِجُكُمْ اِخْرَاجًا ﴿١٨﴾

(١٨) وري اوهان کي زمين ۾ موٽائيندو ۽ اوهان کي پوريءَ طرح ٻاهر ڪيندو. (۽ اوهان کان مفيد بڻجڻ ۽ نہ بڻجڻ جو حساب وٺندو).

وَاللّٰهُ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ بِسَاطًا ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ الله اوهان لاءِ زمين (جهڙي گول سياري) کي وڇاڻو بڻايو.

لِّتَسْلُكُوْا مِنْهَا سُبُلًا فِجَاجًا ﴿٢٠﴾

(٢٠) تہ ان جي ڪشادن رستن ۾ (ان جي مخلوق لاءِ ڪشادگيون ڪٺي) هلو.

ركوع 2

**ساڍا نو سئو سال تبليغ کان پوءِ بہ سندس قوم نہ مڃيو تہ هن بددعا ڪئي تہ، مولا ائين تہ هي تنهنجي ٻانهن کي گمراهہ ڪندا ۽ رڳو بدڪار ۽ ڪافر اولاد ڄڻيندا.**

قَالَ نُوْحٌ رَّبِّ اِنَّهُمْ عَصَوْنِيْ وَاتَّبَعُوْا مَنْ لَّمْ يَزِدْهُ مَالُهٗ وَوَلَدُهٗۤ اِلَّا خَسَارًا ﴿٢١﴾

(٢١) (ايتري سمجهائڻ کان پوءِ) نوح چيو تہ، اي منهنجا پالڻهار! بيشڪ انهن منهنجو چيو نہ مڃيو ۽ انهن (سردارن، وڏيرن ۽ دولتمندن، جي پٺيان لڳا، جن) جي مال ۽ اولاد انهن لاءِ نقصان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ وڌايو.

وَمَكَرُوْا مَكْرًا كُبَّارًا ﴿٢٢﴾

(٢٢) (اهي جن جي ڪڍ لڳا سي فريبي ۽ سازشي هئا) ۽ انهن (حق جي دعوت خلاف) وڏو مڪر پڪيڙيو.

وَقَالُوْا لَا تَذَرُنَّ اٰلِهَتَكُمْ وَلَا تَذَرُنَّ وَدًّا وَّلَا سُوَاعًا ۙ وَّلَا يَغُوْثَ وَيَعُوْقَ وَنَسْرًا ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ (پنهنجي پوئلڳن کي) چيائون تہ، پنهنجن خدائن کي ڪڏهن بہ نہ ڇڏيو، ۽ نہ ڪي ود ۽ نڪي سواع ۽ نڪي يغوث ۽ يعوق ۽ نسر (بتن) کي ڪڏهن ڇڏيو.

وَقَدْ اَضَلُّوْا كَثِيْرًا ۚ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا ضَلٰلًا ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ بيشڪ انهن (رئيسن ۽ سرمائيدارن مڪر فريب سان) گهڻن کي گمراهہ ڪيو آهي. ۽ (اي الله هاڻي تون انهن) ظالمن لاءِ گمراهيءَ ۽ تباهي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ وڌاءِ.

مِمَّا خَطِيْٓـٰٔتِهِمْ اُغْرِقُوْا فَاُدْخِلُوْا نَارًا ۬ۙ فَلَمْ يَجِدُوْا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَنْصَارًا ﴿۲۵﴾

(٢٥) (تہ متن جلد عذاب اچي. نيٺ) انهن کي سندن خطاڪارين جي ڪري ٻوڙيو ويو پوءِ ڪين (جهنم جي) باهہ ۾ وڌو ويو، پوءِ انهن ڏٺو اللّٰه کان سواءِ سندن لاءِ (ٻيا) ڪي بہ مددگار ڪونهن.

وَقَالَ نُوْحٌ رَّبِّ لَا تَذَرْ عَلَى الْاَرْضِ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ دَيَّارًا ﴿۲۶﴾

(٢٦) ۽ نوح چيو تہ اي منهجا پالڻهار! (هنن منڪرن جي سرڪشي ۽ جرم ناسور بڻيل ۽ وچڙندڙ حد تي پهتل آهن. ان ڪري ٻين انسانن کي انهن جي اثرن کان بچائڻ لاءِ هنن) ڪافرن مان ڪو بہ رهندڙ زمين تي نہ ڇڏ.

اِنَّكَ اِنْ تَذَرْهُمْ يُضِلُّوْا عِبَادَكَ وَلَا يَلِدُوْٓا اِلَّا فَاجِرًا كَفَّارًا ﴿۲۷﴾

(٢٧) ڇو تہ، تون جيڪڏهن ڪين ڇڏيندين تہ اهي تنهنجي ٻانهن کي گمراه ڪندا ۽ رڳو بدڪار (۽ ناسور واري) ڪافر (اولاد) ڄڻيندا.

رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَلِوَالِدَيَّ وَلِمَنْ دَخَلَ بَيْتِيَ مُؤْمِنًا وَّلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ؕ وَلَا تَزِدِ الظّٰلِمِيْنَ اِلَّا تَبَارًا ﴿۲۸﴾

(٢٨) اي منهجا پالڻهار! مونکي، منهنجي ماءُ پيءُ کي ۽ ان کي جيڪو ايمان آڻي منهنجي گهر ۾ (پناه وٺڻ لاءِ) داخل ٿئي ۽ ايمان وارن مردن ۽ ايمان وارن زالن کي معاف ڪر! ۽ سرڪش ظالمن لاءِ تباهي ۽ بربادي‌ءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ وڌاءِ.

**سورة الجن—مکي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع اللّٰه جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جنن جو ايمان آڻڻ ۽ انهن جي ايمان آڻڻ جي ڪيفيت**

قُلْ اُوْحِيَ اِلَيَّ اَنَّهُ اسْتَمَعَ نَفَرٌ مِّنَ الْجِنِّ فَقَالُوْٓا اِنَّا سَمِعْنَا قُرْاٰنًا عَجَبًا ﴿۱﴾

(١) (اي رسول!) تون چئو تہ، مون ڏي هن ڳالهہ جو وحي ڪيو ويو آهي تہ جنن مان هڪ جماعت (مون کان قرآن پڙهندي) ٻڌو. پوءِ (پنهنجي قوم کي وڃي) چيائون تہ بيشڪ اسان عجب طرح جو قرآن ٻڌو آهي.

يَّهْدِيْٓ اِلَى الرُّشْدِ فَاٰمَنَّا بِهٖ ؕ وَلَنْ نُّشْرِكَ بِرَبِّنَآ اَحَدًا ﴿۲﴾

(٢) جو سڌي رستي تي هلڻ جو ڏس ڏئي ٿو، ان ڪري اسان ان تي ايمان آندو ۽ اسين (هاڻي) پنهنجي پالڻهار سان (سندس عبادت ۽ فرمانبرداري‌ءَ ۾) ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪنداسون.

وَّاَنَّهٗ تَعٰلٰى جَدُّ رَبِّنَا مَا اتَّخَذَ صَاحِبَةً وَّلَا وَلَدًا ﴿۳﴾

(٣) ۽ (هي بہ بيان ڪيائون تہ) اسان جي پالڻهار جو شان مٿي آهي، (۽ مخلوق مان) نہ ڪنهن کي (پنهنجي زال ۽ نہ ڪنهن کي (پنهنجو) اولاد بنايو اٿس. ۽ اسان جو اهڙي قسم جو عقيدو وهم پرستي هئي، جنهن کان اسان توبهہ ڪيون ٿا.)

وَّاَنَّهٗ كَانَ يَقُوْلُ سَفِيْهُنَا عَلَى اللّٰهِ شَطَطًا ﴿۴﴾

(٤) ۽ اسان مان (ڪن) بيوقوف شخصن اللّٰه تي (اهڙي قسم جي) حد کان لنگهيل ڳالهہ (پنهنجي ذهن مان گهڙي) مڙهي ڇڏي هئي.

وَّاَنَّا ظَنَنَّآ اَنْ لَّنْ تَقُوْلَ الْاِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا ﴿۵﴾

(٥) ۽ اسان (جي سادگي ڏسو جو ڀرياڻين هي) گمان ڪيو هو تہ انسان ۽ جن اللّٰه تي ڪوڙ ڪڏهن بہ نہ چوندا.

وَّ اَنَّهٗ كَانَ رِجَالٌ مِّنَ الْاِنْسِ يَعُوْذُوْنَ بِرِجَالٍ مِّنَ الْجِنِّ فَزَادُوْهُمْ رَهَقًا ﴿٦﴾

(٦) ۽ ماڻهن مان ڪيترا مرد جنن جي مردن وٽ اچي ڍَسندا هئا، پوءِ انهن (ماڻهن) هنن (جنن) جي هيڪاري (وهم پرستي، بد دماغي ۽) سرڪشي وڌائي ڇڏي.

وَّ اَنَّهُمْ ظَنُّوْا كَمَا ظَنَنْتُمْ اَنْ لَّنْ يَّبْعَثَ اللّٰهُ اَحَدًا ﴿٧﴾

(٧) ۽ (انهن ماڻهن ۾ هيءُ) گمان عام ڪيو هو (ته اسان ڪي عرب ۾ پيغمبر نه اچڻ جي ائين ئي پڪ آهي) جيئن اوهان (جنن) گمان ڪيو آهي ته الله (هتي) ڪنهن کي پيغمبر ڪري نه موڪليندو.

وَّ اَنَّا لَمَسْنَا السَّمَآءَ فَوَجَدْنٰهَا مُلِئَتْ حَرَسًا شَدِيْدًا وَّ شُهُبًا ﴿٨﴾

(٨) ۽ اسان (اڳ وانگر مٿان جون خبرون لهڻ واسطي) آسمان کي جاچيو، پوءِ ان کي ڏٺوسون ته سخت چوڪيدارن (محافظ فرشتن) ۽ شعلن سان ڀريو پيو آهي.

وَّ اَنَّا كُنَّا نَقْعُدُ مِنْهَا مَقَاعِدَ لِلسَّمْعِ ؕ فَمَنْ يَّسْتَمِعِ الْاٰنَ يَجِدْ لَهٗ شِهَابًا رَّصَدًا ﴿٩﴾

(٩) ۽ (اڳي اسان جو طريقو هو ته) اسين آسمان جي (گهٽن) رستن تي (ملائڪن جي ڳالهه ٻولهه) ٻڌڻ لاءِ ويندا هئاسون، پوءِ هاڻي جيڪو ٻڌڻ گهري ٿو سو پاڻ لاءِ تيار ٽيل شعلو ڏسي ٿو.

وَّ اَنَّا لَا نَدْرِيْۤ اَشَرٌّ اُرِيْدَ بِمَنْ فِي الْاَرْضِ اَمْ اَرَادَ بِهِمْ رَبُّهُمْ رَشَدًا ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ اسين نٿا ڄاڻون ته (هن نئين پيغمبر ﷺ جي اچڻ سان) زمين وارن کي تڪليف ڏيڻ جو ارادو ڪيو ويو آهي يا سندن پالڻهار انهن کي رستي تي آڻڻ جو ارادو ڪيو آهي.

وَّ اَنَّا مِنَّا الصّٰلِحُوْنَ وَ مِنَّا دُوْنَ ذٰلِكَ ؕ كُنَّا طَرَآئِقَ قِدَدًا ﴿١١﴾

(١١) ۽ اسان مان (ڀِريان به) ڪي نيڪ (ٿيندا آيا) آهن ۽ اسان مان ڪي ٻي طرح جا (به ٿيندا آيا) آهن، ڇو ته اسين مختلف طريقن تي آهيون. (ان ڪري ظاهر آهي ته نيڪن کي واٽ ملندي ۽ خطاڪارن کي تڪليف ملندي).

وَّ اَنَّا ظَنَنَّاۤ اَنْ لَّنْ نُّعْجِزَ اللّٰهَ فِي الْاَرْضِ وَ لَنْ نُّعْجِزَهٗ هَرَبًا ﴿١٢﴾

(١٢) ۽ اسان هي (چڱيءَ طرح) سمجهي ورتو آهي ته، اسين الله (جي سگهاري ذات) کي زمين (جي ڪنهن به حصي) ۾ ڪڏهن بي شڪست ڏئي نه سگهنداسون ۽ نه ڪي (ڌرتيءَ مان) ڀڄي ڪڏهن ان کي ٿڪائي سگهنداسون.

وَّ اَنَّا لَمَّا سَمِعْنَا الْهُدٰۤى اٰمَنَّا بِهٖ ؕ فَمَنْ يُّؤْمِنْۢ بِرَبِّهٖ فَلَا يَخَافُ بَخْسًا وَّ لَا رَهَقًا ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ اسان جڏهن (هدايت جي) رستي تي هلڻ جي ڳالهه ٻڌي تڏهن ان تي ايمان آندوسون. پوءِ جيڪو پنهنجي پالڻهار تي (اسان وانگر) ايمان آڻيندو سو نه ڪنهن نقصان (رسڻ) کان ۽ نه ڪنهن ظلم ۽ زيادتي کان ڊڄندو.

وَّ اَنَّا مِنَّا الْمُسْلِمُوْنَ وَ مِنَّا الْقٰسِطُوْنَ ؕ فَمَنْ اَسْلَمَ فَاُولٰٓئِكَ تَحَرَّوْا رَشَدًا ﴿١٤﴾

(١٤) (تنهن ڪري) اسان مان ڪجهه اهڙا آهن، جيڪي فرمانبردار (ٿي چڪا) آهن ۽ ڪجهه (اهڙا آهن جيڪي بدستور) بي واٽا آهن. پوءِ جيڪي فرمانبردار ٿيا تن سڌو رستو ڳولي ورتو.

وَ اَمَّا الْقٰسِطُوْنَ فَكَانُوْا لِجَهَنَّمَ حَطَبًا ﴿١٥﴾

(١٥) ۽ (سرڪش ۽ ڪنڌ ڪڍائيندڙ) بي واٽا ماڻهو جهنم جو ٻارڻ بڻبا.

وَّاَنْ لَّوِ اسْتَقَامُوْا عَلَى الطَّرِيْقَةِ لَاَسْقَيْنٰهُمْ مَّآءً غَدَقًا ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ (اي رسول!) جيڪڏهن (هي مڪي وارا) ماڻهو رستي تي سڌا ٿي هلن ها ته اسين کين گهڻو سيراب ڪيون ها.

لِّنَفْتِنَهُمْ فِيْهِ ۭ وَمَنْ يُّعْرِضْ عَنْ ذِكْرِ رَبِّهٖ يَسْلُكْهُ عَذَابًا صَعَدًا ﴿١٧﴾

(١٧) (هن لاءِ) ته ان ۾ سندن امتحان ڪريون ۽ جيڪو به پنهنجي پالڻهار جي (پالڻهاريءَ واري) يادگيريءَ کان منهن موڙيندو تنهن کي الله سخت عذاب ۾ ڦاسائيندو.

وَّاَنَّ الْمَسٰجِدَ لِلّٰهِ فَلَا تَدْعُوْا مَعَ اللّٰهِ اَحَدًا ﴿١٨﴾

(١٨) ۽ بيشڪ سجدي ڪرڻ جون سڀ جايون (اطاعت ۽ سجدا) الله جي (عبادت) لاءِ آهن، پوءِ اوهين الله سان گڏ ڪنهن کي به نه سڏيو.

وَّاَنَّهٗ لَمَّا قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ يَدْعُوْهُ كَادُوْا يَكُوْنُوْنَ عَلَيْهِ لِبَدًا ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ جڏهن الله جو ٻانهو (محمد ﷺ ڳالهه لاءِ اٿي) بيٺو ته الله کي سڏي (۽ ان جي دعوت ماڻهن کي ڏئي) ته اهي (ڪافر) مٿس انبوهه ڪري ڪرڻ تي هئا (جيئن چنبڙي وڃي).

ركوع 2

**منڪر پنهنجي انجام واري وقت ڏسي وٺندا ته ڪنهن جا مددگار زياده ڪمزور آهن.**

قُلْ اِنَّمَآ اَدْعُوْا رَبِّيْ وَلَآ اُشْرِكُ بِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٠﴾

(٢٠) (اي رسول!) چئو ته، آئون رڳو پنهنجي پالڻهار کي سڏيان ٿو، (ماڻهن کي ان جي دعوت ڏيان ٿو) ۽ ڪنهن کي به ان (جي ذات ۽ قانونن) سان شريڪ نٿو ڪريان.

قُلْ اِنِّيْ لَآ اَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا رَشَدًا ﴿٢١﴾

(٢١) (اي رسول!) چئو ته، آئون نه اوهان کي ڪنهن نقصان پهچائڻ (جو اختيار رکان ٿو) ۽ نه رستي تي آڻڻ (يا ڀلائي رسائڻ) جو اختيار رکان ٿو.

قُلْ اِنِّيْ لَنْ يُّجِيْرَنِيْ مِنَ اللّٰهِ اَحَدٌ ڏ وَّلَنْ اَجِدَ مِنْ دُوْنِهٖ مُلْتَحَدًا ﴿٢٢﴾

(٢٢) (اي رسول!) چئو ته، (بين کي ڀلائي رسائڻ ته پنهنجي ماڳ، پر منهنجي پنهنجي حالت هيءَ آهي جو) بيشڪ مون کي الله (جي عذاب) کان ڪوبه نه بچائيندو ۽ نه ان کان سواءِ ڪا پناهه جي جاءِ لهندس. (ان ڪري خدا جي قانونن تي هلڻ کان سواءِ ڪوبه چارو ڪونهي.)

اِلَّا بَلٰغًا مِّنَ اللّٰهِ وَرِسٰلٰتِهٖ ۭ وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَاِنَّ لَهٗ نَارَ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ﴿٢٣﴾

(٢٣) پر الله جي طرفان (مون کي خبر) پهچائڻي آهي ۽ سندس پيغام پهچائڻا آهن. (سو ڪيان پيو) ۽ جيڪي الله (جي نظام) ۽ سندس رسول (پاران ان نظام کي ڏنل شڪل) جي نافرماني ڪندا تن لاءِ بيشڪ دوزخ جي باهه آهي. جنهن ۾ سدائين رهندا.

حَتّٰٓي اِذَا رَاَوْا مَا يُوْعَدُوْنَ فَسَيَعْلَمُوْنَ مَنْ اَضْعَفُ نَاصِرًا وَّاَقَلُّ عَدَدًا ﴿٢٤﴾

(٢٤) (اي رسول!) اهي غفلت ۾ آهن ته هنن جو تعداد به ٿورو آهي ۽ حمايت به ڪمزور اٿن) نيٺ جڏهن ان (تباهي ۽ عذاب) کي ڏسندا جنهن جو انهن کي وعدو ڏنو وڃي ٿو، تڏهن سگهوئي ڄاڻندا ته ڪنهن جا مددگار زياده ڪمزور آهن ۽ ڪنهن جو ڳاڻيٽو بلڪل ٿورو آهي.

قُلْ اِنْ اَدْرِيْٓ اَقَرِيْبٌ مَّا تُوْعَدُوْنَ اَمْ يَجْعَلُ لَهٗ رَبِّيْٓ اَمَدًا ﴿٢٥﴾

(٢٥) (اي رسول! هي توکان پڇن ٿا ته اهو عذاب ايندو ڪڏهن؟) چئو ته، آئون نٿو ڄاڻان ته جنهن (تباهي ۽ عذاب) جو اوهان کي وعدو ڏنو وڃي ٿو سو ويجهو آهي يا منهنجو پالڻهار ان لاءِ ڪا (ٻي) مدت مقرر ڪندو.

عٰلِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖٓ اَحَدًا ﴿٢٦﴾

(٢٦) (اهو) ڳجهه جو ڄاڻندڙ آهي، جو پنهنجي ڳجهه تي ڪنهن هڪڙي کي به واقف نٿو ڪري.

اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ فَاِنَّهٗ يَسْلُكُ مِنْۢ بَيْنِ يَدَيْهِ وَمِنْ خَلْفِهٖ رَصَدًا ﴿٢٧﴾

(٢٧) پر جنهن رسول کي پسند ڪيائين ته (پوءِ ان کي مستقبل جي متعلق بقدر ضرورت وحي جي ذريعي ٻڌائيندو آهي ۽) ان (جي وحي) جي اڳيان ۽ پويان (به) چوڪيدار (ملائڪ) هلائي ٿو.

لِّيَعْلَمَ اَنْ قَدْ اَبْلَغُوْا رِسٰلٰتِ رَبِّهِمْ وَاَحَاطَ بِمَا لَدَيْهِمْ وَاَحْصٰى كُلَّ شَيْءٍ عَدَدًا ﴿٢٨﴾

(٢٨) (رسولن کي به بقدر ضرورت ٻڌائي ٿو، هن لاءِ ته هو عملي طرح ڄاڻن ته بيشڪ انهن (رسولن) پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچايا آهن. هوڏانهن جيڪي به وٽن آهي تنهن جي (حفاظت ۾ رهڻ جي) ان کي پوري خبر آهي ۽ سڀ ڪنهن شيءِ جو ڳاڻيٽو ڳڻي ڇڏيو اٿس.

**سورة المزمل—مکي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**حق جي پرچار ۾ مشڪلاتن اچڻ تي صبر ۽ ثابت قدميءَ جو حڪم.**

يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ ﴿١﴾

(١) اي وڏا بار کڻندڙ (پيغمبر!).

قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿٢﴾

(٢) رات جو (عبادت، تعليم ۽ تربيت لاءِ) اُٿ پر ٿورو حصو.

نِّصْفَهٗٓ اَوِ انْقُصْ مِنْهُ قَلِيْلًا ﴿٣﴾

(٣) رات جي اڌ تائين يا ان کان ڪجهه گهٽ ڪر.

اَوْ زِدْ عَلَيْهِ وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ﴿٤﴾

(٤) يا ان کان وڌاءِ! ۽ قرآن ٺاهي (ڍاري اکر اکر ڪري) پڙهه (ته جيئن ان کي ٻڌندڙ سمجهن.)

اِنَّا سَنُلْقِيْ عَلَيْكَ قَوْلًا ثَقِيْلًا ﴿٥﴾

(٥) بيشڪ اسين توتي (قرآن جي ذريعي معاشري ۾ انقلاب آڻڻ جو) وڏو ڪم رکڻ وارا آهيون.

اِنَّ نَاشِئَةَ الَّيْلِ هِيَ اَشَدُّ وَطْاً وَّاَقْوَمُ قِيْلًا ﴿٦﴾

(٦) بيشڪ رات جو اٿڻ (نفس جي تن آسانيءَ کي) نرم ڪرڻ ۾ تمام سخت (نيڪ) آهي ۽ ان وقت ڳالهه تمام چٽي ٿي نڪري ٿي.

اِنَّ لَكَ فِي النَّهَارِ سَبْحًا طَوِيْلًا ﴿٧﴾

(٧) بيشڪ توکي ڏينهن ۾ گهڻو ڪم ڪار آهي. (ان ڪري تربيت جا سڪون وارا ڪم رات جو ڪر).

وَاذْكُرِ اسْمَ رَبِّكَ وَتَبَتَّلْ اِلَيْهِ تَبْتِيْلًا ﴿٨﴾

(٨) ۽ پنهنجي پالڻهار جو نالو (۽ ان جون صفتون) اڳيان رک (توکي انهن صفتن کي معاشري ۾ عملي طرح نافذ ڪرڻو آهي) ۽ سڀني کان جدا ٿي ان جو ٿيءُ!

رَبُّ الْمَشْرِقِ وَالْمَغْرِبِ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ فَاتَّخِذْهُ وَكِيْلًا ۝٩

(٩) (اهو) اڀرندي ۽ الهندي جو مالڪ آهي، ان کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪارساز نہ آهي، پوءِ تون (ڪوبہ فڪر نہ ڪر ۽) ان کي پنهنجن ڪمن بنائڻ وارو ڪري وٺ.

وَاصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ وَاهْجُرْهُمْ هَجْرًا جَمِيْلًا ۝١٠

(١٠) ۽ (ڪافر) جيڪي پيا چون تنهن (جو ڪوبہ اثر نہ وٺ ۽ ان) تي صبر ڪر ۽ کين چڱي وڙ سان ڇڏي ڏي.

وَذَرْنِيْ وَالْمُكَذِّبِيْنَ اُولِي النَّعْمَةِ وَمَهِّلْهُمْ قَلِيْلًا ۝١١

(١١) ۽ مون کي ۽ (منهنجي قانونن کي دولت جي نشي ۾) اجايو ڪندڙن دولتمندن کي (اسان جي مڪافات وارن قانونن) جي حوالي ڪر ۽ کين ٿوري مهلت ڏي. (اسان جو قانون انهن سان پاڻهي نبري وٺندو).

اِنَّ لَدَيْنَآ اَنْكَالًا وَّجَحِيْمًا ۝١٢

(١٢) بيشڪ اسان وٽ (ان ڏينهن اسان جي نعمتن جي ناشڪري ڪندڙ انهن سرمائيدارن لاءِ) هٿ ڪڙيون ۽ ڀڙڪندڙ باهہ (تيار آهي.)

وَّطَعَامًا ذَا غُصَّةٍ وَّعَذَابًا اَلِيْمًا ۝١٣

(١٣) ۽ نڙيءَ ۾ اٽڪڻ وارو کاڌو ۽ دردناڪ عذاب هوندو. (جو انهن دنيا ۾ ٻين جي نڙيءَ جا گرهہ روڪيا هوندا).

يَوْمَ تَرْجُفُ الْاَرْضُ وَالْجِبَالُ وَكَانَتِ الْجِبَالُ كَثِيْبًا مَّهِيْلًا ۝١٤

(١٤) جنهن ڏينهن زمين ۽ جبل ڌٻندا ۽ جبل هاريل واريءَ جي دڙي جهڙا ٿي پوندا. (ان وقت باقي انهن مغرور دولتمندن جي حيثيت ڇا هوندي؟)

اِنَّآ اَرْسَلْنَآ اِلَيْكُمْ رَسُوْلًا ۙ شَاهِدًا عَلَيْكُمْ كَمَآ اَرْسَلْنَآ اِلٰى فِرْعَوْنَ رَسُوْلًا ۝١٥

(١٥) (اي ماڻهو!) بيشڪ اسان اوهان ڏي هڪ پيغمبر اوهان تي (چڱاين ۽ مداين جي واٽ جي) شاهدي ڏيندڙ (محمد) موڪليو آهي، جيئن فرعون ڏي هڪ رسول (موسيٰ) موڪليو سون.

فَعَصٰى فِرْعَوْنُ الرَّسُوْلَ فَاَخَذْنٰهُ اَخْذًا وَّبِيْلًا ۝١٦

(١٦) پوءِ (طاقت ۽ معتبريءَ جي اجائي گهمنڊ واري) فرعون ان رسول جي نافرماني ڪئي، پوءِ اسان (سرڪشي ڪرڻ سبب) ان تي سخت پڪڙ ڪئي.

فَكَيْفَ تَتَّقُوْنَ اِنْ كَفَرْتُمْ يَوْمًا يَّجْعَلُ الْوِلْدَانَ شِيْبًا ۝١٧

(١٧) پوءِ جيڪڏهن اوهان (تڇ سرمائيدارن اسان جي حڪمن کي مڃڻ جو) انڪار ڪيو تہ ان ڏينهن کان ڪيئن بچي سگهندو، جيڪو (ڏينهن پنهنجي سختي ۽ ڊيگهہ سبب) ٻارن کي ٻڍو ڪندو.

اِۨالسَّمَآءُ مُنْفَطِرٌۢ بِهٖ ۭ كَانَ وَعْدُهٗ مَفْعُوْلًا ۝١٨

(١٨) آسمان ان ڏينهن ڦاٽندو، (اهڙي تباهيءَ لاءِ) سندس وعدو پورو ٿيڻ وارو آهي.

اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ۝١٩

(١٩) بيشڪ هيءَ هڪ نصيحت (۽ عبرت وٺڻ لاءِ تاريخي حقيقت) آهي. پوءِ جيڪو (پنهنجو خير) گهري، سو پنهنجي پاليندڙ (جي پالڻهاريءَ وارو) رستو وٺي. (۽ پنهنجو رزق ضرورتمندن تي کولي ڇڏي.)

رکوع 2

**عبادتن ۾ بہ اهڙو واڌارو نہ ڪيو جو انساني سگهہ ۽ دين جا ٻيا ڪم متاثر ٿين.**

اِنَّ رَبَّكَ يَعْلَمُ اَنَّكَ تَقُوْمُ اَدْنٰى مِنْ ثُلُثَيِ
الَّيْلِ وَنِصْفَهٗ وَثُلُثَهٗ وَطَآئِفَةٌ مِّنَ الَّذِيْنَ
مَعَكَ ؕ وَاللّٰهُ يُقَدِّرُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ؕ عَلِمَ
اَنْ لَّنْ تُحْصُوْهُ فَتَابَ عَلَيْكُمْ فَاقْرَءُوْا مَا
تَيَسَّرَ مِنَ الْقُرْاٰنِ ؕ عَلِمَ اَنْ سَيَكُوْنُ مِنْكُمْ
مَّرْضٰى ۙ وَاٰخَرُوْنَ يَضْرِبُوْنَ فِي الْاَرْضِ
يَبْتَغُوْنَ مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ۙ وَاٰخَرُوْنَ يُقَاتِلُوْنَ
فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۖ فَاقْرَءُوْا مَا تَيَسَّرَ مِنْهُ ۙ وَ
اَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَ اَقْرِضُوا اللّٰهَ
قَرْضًا حَسَنًا ؕ وَمَا تُقَدِّمُوْا لِاَنْفُسِكُمْ مِّنْ
خَيْرٍ تَجِدُوْهُ عِنْدَ اللّٰهِ هُوَ خَيْرًا وَّ اَعْظَمَ
اَجْرًا ؕ وَاسْتَغْفِرُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ
رَّحِيْمٌ ﴿۲۰﴾ ع

(۲۰) (اي پيغمبر!) بيشڪ تنهنجو پالڻهار ڄاڻي ٿو تہ، تون رات جي ٻن ٿهاين جي ويجهو (عبادت ۽ تربيت لاءِ) بيهين ٿو ۽ (ڪڏهن) رات جو اڌ ۽ (ڪڏهن) رات جي ٽين پتي ۽ جيڪي تو سان گڏ آهن، تن مان هڪ جماعت (بہ تو سان گڏ بيهي ٿي) ۽ الله رات ۽ ڏينهن جو اندازو ڪري ٿو. ان ڄاتو تہ اوهين ان ڪي (دائمي طرح) پورو ڪري ڪين سگهندو. (اڳيون حڪم هنگامي تيارين لاءِ هو، خدا اوهان تي آسانيون چاهي ٿو) ان ڪري اوهان تي مهرباني ڪيائين، پوءِ جيترو (حصو) آسان ٿئي، اوترو قرآن پڙهو. ان ڄاتو تہ اوهان مان ڪي بيمار ٿيندا ۽ ٻيا الله جي فضل (روزگار وغيره جي) تلاش ڪرڻ لاءِ زمين ۾ مسافري ڪندا. ۽ ٻيا الله جي رستي ۾ جنگ ڪندا، ان ڪري جيترو آسان ٿئي اوترو قرآن پڙهو. ۽ نماز قائم ڪريو ۽ زڪوات ڏيو ۽ (خير جي صورت ۾) الله ڪي چڱو قرض ڏيو (جيڪو اوهان ڪي ڪيترا ڀيرا وڌي ملندو) ۽ جا بہ ڀلائي پنهنجي لاءِ (آخرت جو ذخيرو ڪري) اڳي موڪليندؤ، تنهن ڪي الله وٽ چڱو ۽ اجر ۾ تمام وڏو لهندؤ، ۽ (اهو طريقو آهي جنهن سان) الله ڪان (دنيا ۽ آخرت ۾ درپيش خطرن جي) معافي گهرو. بيشڪ الله (سڀني خطرن ڪان بچائي) گهڻو معاف ڪندڙ نهايت رحم وارو آهي.

## سورة المدثر —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع1

**گهٽي ملڻ جي خواهش تي ڪنهن تي احسان نہ ڪيو.**

يٰاَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ ﴿۱﴾

(۱) اي (نبوت جي لباس ۾) ويڙهجڻ وارا.

قُمْ فَاَنْذِرْ ﴿۲﴾

(۲) اٿي! پوءِ (خدا ڪان ڀليل ماڻهن ڪي زندگيءَ جي غلط طريقي تي تباهہ ڪندڙ نتيجن ڪان) ڊيڄار.

وَرَبَّكَ فَكَبِّرْ ﴿۳﴾

(۳) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ واري نظام) جي عظمت (۽ ضرورت) بيان ڪر.

وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ ﴿۴﴾

(٤) ۽ (ظاهري ۽ باطني يعني اخلاقن واري) پنهنجي پوشاڪ ڪي پاڪ رک.

وَالرُّجْزَ فَاهْجُرْ ﴿۵﴾

(۵) ۽ گند (۽ گندي بيڪار ماڻهن) ڪان پري رهہ.

وَلَا تَمْنُنْ تَسْتَكْثِرُ ﴿۶﴾

(٦) ۽ (پوءِ الله جي مخلوق تي) هن لاءِ احسان نہ ڪر تہ (ان جي موٽ ۾) گهڻو (بدلو) ملي.

وَلِرَبِّكَ فَاصۡبِرۡ ۝٧

(٧) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ واري نظام جي رستي ۾ پيش ايندڙ رڪاوٽن ۽ ڏکيائين تي ثابت قدم رهڻ) لاءِ صبر ڪر.

فَاِذَا نُقِرَ فِي النَّاقُوۡرِ ۝٨

(٨) پوءِ جڏهن (حساب ڪتاب جي لاءِ ڪٺي ٿيڻ واسطي) ناقور وڄايو ويندو.

فَذٰلِكَ يَوۡمَئِذٍ يَّوۡمٌ عَسِيۡرٌ ۝٩

(٩) تڏهن اهو (بدڪارن لاءِ) ان ڏينهن ڏاڍو ڏکيو وقت ٿيندو.

عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ غَيۡرُ يَسِيۡرٍ ۝١٠

(١٠) (ان ڏينهن) ڪافرن تي (ذري برابر بہ) آساني نہ هوندي.

ذَرۡنِيۡ وَمَنۡ خَلَقۡتُ وَحِيۡدًا ۝١١

(١١) (اي رسول! تون پنهنجي ڪم سان لڳو رهہ ۽) مون کي ۽ ان کي ڇڏي ڏي جنهن کي (ماءُ جي پيٽان ئي دولت ڏئي پيدا نہ ڪيو اٿم، پوءِ بہ ان تي سرڪشي ٿو ڪري بلڪ) اڪيلو پيدا ڪيو اٿم.

وَّجَعَلۡتُ لَهٗ مَالًا مَّمۡدُوۡدًا ۝١٢

(١٢) ۽ ان کي (بعد ۾ آزمائش خاطر) ڪثرت سان مال ڏنو اٿم.

وَّبَنِيۡنَ شُهُوۡدًا ۝١٣

(١٣) ۽ پُٽ (بہ) جيڪي انساني ڪم ڪرڻ بجاءِ سندس سرڪشي وڌائڻ لاءِ) وٽس ويٺل آهن.

وَّمَهَّدۡتُّ لَهٗ تَمۡهِيۡدًا ۝١٤

(١٤) ۽ ان لاءِ (دنيا جي سڀ شيءِ) سندس چوڌاري پکيڙي ڇڏي اٿم.

ثُمَّ يَطۡمَعُ اَنۡ اَزِيۡدَ ۝١٥

(١٥) وري بہ (سندس هوس پوري نٿي ٿئي ۽) هو طمع ڪري ٿو تہ (ان کي) وڌيڪ (طاقت ۽ دولت) ڏيان.

كَلَّا ؕ اِنَّهٗ كَانَ لِاٰيٰتِنَا عَنِيۡدًا ۝١٦

(١٦) ائين نہ ٿيندو، ڇو تہ هو اسان جي (قانون بڻائي موڪليل) آيتن جو مخالف آهي.

سَاُرۡهِقُهٗ صَعُوۡدًا ۝١٧

(١٧) سگهوئي آئون ان کي (پنهنجي گرفت ۾ آڻي) سخت تڪليف ۾ ڦاسائيندس.

اِنَّهٗ فَكَّرَ وَقَدَّرَ ۝١٨

(١٨) ڇو تہ هو (چڱائي ۽ مدائي ڄاڻي پيو ۽ ان تي غور) فڪر ڪيائين ۽ هڪ ڳالهہ (دنيا جي لالچ ۽ فائدي واري پنهنجي لاءِ) تجويز ڪيائين.

فَقُتِلَ كَيۡفَ قَدَّرَ ۝١٩

(١٩) پوءِ مار پويس ڪيئن (فاني حياتيءَ جي ٿورڙي فائدي جو مطلب پنهنجي اولاد لاءِ) تجويز ڪيائين.

ثُمَّ قُتِلَ كَيۡفَ قَدَّرَ ۝٢٠

(٢٠) پوءِ مار پويس (پنهنجي لاءِ اهڙي ڳالهہ) ڪيئن تجويز ڪيائين. (جنهن جو نتيجو آخر ۾ تباهي ۽ برباديءَ کان سواءِ ڪجهہ بہ ڪونهي.)

ثُمَّ نَظَرَ ۝٢١

(٢١) وري ان (ڪنهن موقعي تي غور ڪري) ڏٺو.

ثُمَّ عَبَسَ وَبَسَرَ ۝٢٢

(٢٢) پوءِ (بہ سندس اندر جي لچائي اپري آئي ۽) منهن ۾ گهنڊ وڌائين ۽ ٻوٿ ٻچڙو ڪيائين.

ثُمَّ أَدْبَرَ وَاسْتَكْبَرَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) پوءِ (خدا جي قانون کان) پٺ ڦيرايائين ۽ وڏائي ڪيائين.

فَقَالَ إِنْ هَٰذَا إِلَّا سِحْرٌ يُؤْثَرُ ﴿٢٤﴾

(٢٤) پوءِ چوڻ لڳو تہ هي (قرآن) رڳو جادو (۽ پراڻي زماني جون پُرڪشس ڳالهيون) آهن جو (صدين کان ائين ئي) هلندو اچي.

إِنْ هَٰذَا إِلَّا قَوْلُ الْبَشَرِ ﴿٢٥﴾

(٢٥) هي (قرآن) رڳو ماڻهوءَ جو (پنهنجو جوڙيل) ڪلام آهي.

سَأُصْلِيهِ سَقَرَ ﴿٢٦﴾

(٢٦) سگهوئي آئون ان کي (سندس اهڙي سرڪشيءَ ۽ نافرماني تي ڪيس) دوزخ ۾ وجهندس.

وَمَا أَدْرَاكَ مَا سَقَرُ ﴿٢٧﴾

(٢٧) ۽ (اي رسول!) تو کي خبر آهي تہ دوزخ (جي ٻڇڪندڙ ۽ رجائيندڙ باهہ) ڇا آهي؟

لَا تُبْقِي وَلَا تَذَرُ ﴿٢٨﴾

(٢٨) اها نہ (ڪجهہ بدن جو هڏو ۽ ٻوٽي) رهائي ٿي ۽ نہ (ڪنهن شئ کي) ڇڏي ٿي.

لَوَّاحَةٌ لِّلْبَشَرِ ﴿٢٩﴾

(٢٩) ماڻهن کي (ساڙي) ڪارو (نانو) ڪندڙ آهي.

عَلَيْهَا تِسْعَةَ عَشَرَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) ان تي اڻويهہ (داروغا) مقرر آهن.

وَمَا جَعَلْنَا أَصْحَابَ النَّارِ إِلَّا مَلَائِكَةً ۙ وَمَا جَعَلْنَا عِدَّتَهُمْ إِلَّا فِتْنَةً لِّلَّذِينَ كَفَرُوا لِيَسْتَيْقِنَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ وَيَزْدَادَ الَّذِينَ آمَنُوا إِيمَانًا ۙ وَلَا يَرْتَابَ الَّذِينَ أُوتُوا الْكِتَابَ وَالْمُؤْمِنُونَ ۙ وَلِيَقُولَ الَّذِينَ فِي قُلُوبِهِم مَّرَضٌ وَالْكَافِرُونَ مَاذَا أَرَادَ اللَّهُ بِهَٰذَا مَثَلًا ۚ كَذَٰلِكَ يُضِلُّ اللَّهُ مَن يَشَاءُ وَيَهْدِي مَن يَشَاءُ ۚ وَمَا يَعْلَمُ جُنُودَ رَبِّكَ إِلَّا هُوَ ۚ وَمَا هِيَ إِلَّا ذِكْرَىٰ لِلْبَشَرِ ﴿٣١﴾

(٣١) ۽ اسان باهہ وارا (داروغا) رڳو ملائڪ ڪيا آهن، ۽ اسان سندن ڳاڻاٽي کي رڳو ڪافرن لاءِ (انهن جي اڳين ڪتابن ۾ ڄاڻايل تعداد مطابق) امتحان ڪيو آهي (هن لاءِ) تہ ڪتاب وارا يقين ڪن ۽ ايمان وارن جو ايمان وڌي، ۽ ڪتاب وارا ۽ مسلمان شڪ ۾ نہ پون، ۽ (هن لاءِ) تہ جن جي دلين ۾ (منافقيءَ جي) بيماري آهي سي ۽ ڪافر چون تہ هن (اڻويهن واري انگ جيترن ملائڪن) مان الله جو مطلب ڇا آهي؟ (اي پيغمبر!) اهڙيءَ طرح الله جنهن کي وڻيس تنهن کي (آزمائش ۾ وجهي) گمراهہ ڪري ٿو ۽ جنهن کي وڻيس تنهن کي رستو ڏيکاري ٿو. ۽ (هوندئن تہ ان جو لشڪر اڻ ڪٿ آهي) تنهنجي پاليندڙ جي لشڪرن (واري تعداد) کي ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو نٿو ڄاڻي، ۽ هيءَ رڳو ماڻهن لاءِ نصيحت آهي.

رڪوع 2

**دوزخي چوندا تہ اسين نڪي نمازي نمان هئاسون، نڪي مسڪينن کي کارائيندا هئاسون.**

كَلَّا وَالْقَمَرِ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ائين نہ ٿيندو (تہ ان کي حساب ڪتاب کان سواءِ ئي ڇڏيو وڃي جيئن هو گمان ڪري ٿو.) چنڊ جو قسم آهي (چنڊ ان جو شاهد آهي جيڪو مقرر قانون تي هلي ٿو.)

وَاللَّيْلِ إِذْ أَدْبَرَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ رات جو (منجهن بہ شاهد آهي) جڏهن اها پٺ ڦيري ٿي.

| | |
|---|---|
| وَالصُّبۡحِ اِذَاۤ اَسۡفَرَ ﴿٣٤﴾ | (٣٤) ۽ صبح جو (ٿيڻ بہ انهن قانونن تي شاهد آهي) جڏهن اهو روشن ٿئي ٿو. |
| اِنَّهَا لَاِحۡدَى الۡكُبَرِ ﴿٣٥﴾ | (٣٥) بيشڪ اهي (تبديليون قدرتي قانونن جي) وڏن واقعن مان هڪ (مثال) آهن. |
| نَذِيۡرًا لِّلۡبَشَرِ ﴿٣٦﴾ | (٣٦) انهن ماڻهن کي (هي مثال مڪافات ۽ حساب ڪتاب جي ٿيڻ واسطي) ڊيڄاريندڙ آهن. |
| لِمَنۡ شَآءَ مِنۡكُمۡ اَنۡ يَّتَقَدَّمَ اَوۡ يَتَاَخَّرَ ﴿٣٧﴾ | (٣٧) جيڪي اوهان مان (اهڙن مثالن مان سبق وٺي) اڳتي وڌڻ يا پوئتي رهڻ گهرن، (حق ۽ باطل جي ڪشمڪش ۾ پنهنجي لاءِ فيصلو اوهان کي ئي ڪرڻو آهي.) |
| كُلُّ نَفۡسٍۢ بِمَا كَسَبَتۡ رَهِيۡنَةٌ ﴿٣٨﴾ | (٣٨) خدا جي پاران ڪنهن سان بہ زيادتي نٿي ٿئي) سيڪو نفس پنهنجي ڪمائي جي ڪري سوگهو ٿئي ٿو. |
| اِلَّاۤ اَصۡحٰبَ الۡيَمِيۡنِ ﴿٣٩﴾ | (٣٩) ساڄي پاسي وارن (نيڪوڪارن) کان سواءِ. |
| فِىۡ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوۡنَ ﴿٤٠﴾ | (٤٠) (جو تہ اهي) باغن ۾ هوندا، هڪٻئي کان (حال احوال) پڇندا. |
| عَنِ الۡمُجۡرِمِيۡنَ ﴿٤١﴾ | (٤١) ڏوهارين بابت (تہ انهن مٿان ڇا گذريو هوندو). |
| مَا سَلَـكَكُمۡ فِىۡ سَقَرَ ﴿٤٢﴾ | (٤٢) (پوءِ جڏهن انهن ڏوهارين کي ڏسندا تڏهن چوندن تہ) اوهان کي ڪهڙيءَ ڳالهہ (تباهين جي هن) دوزخ ۾ وڌو آهي؟ |
| قَالُوۡا لَمۡ نَكُ مِنَ الۡمُصَلِّيۡنَ ﴿٤٣﴾ | (٤٣) اهي چوندا تہ (اسان جو ڏوهہ هي هو تہ) اسين نڪي نمازين (عبادت ۽ اطاعت ڪندڙن) مان هئاسون. |
| وَلَمۡ نَكُ نُطۡعِمُ الۡمِسۡكِيۡنَ ﴿٤٤﴾ | (٤٤) ۽ نڪي مسڪينن کي کارائيندا هئاسون. |
| وَكُنَّا نَخُوۡضُ مَعَ الۡخَآئِضِيۡنَ ﴿٤٥﴾ | (٤٥) ۽ اسين حق ۽ حق وارن خلاف ڳالهين بنائڻ وارن سان گڏ ڳالهيون بنائيندا هئاسون. |
| وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوۡمِ الدِّيۡنِ ﴿٤٦﴾ | (٤٦) ۽ حساب جي ڏينهن کي (۽ ان جي عذاب کي) ڪوڙو ڪندا هئاسون. |
| حَتّٰٓى اَتٰٮنَا الۡيَقِيۡنُ ﴿٤٧﴾ | (٤٧) تان جو (ان حالت ۾) اسان وٽ موت اچي پهتو. |
| فَمَا تَنۡفَعُهُمۡ شَفَاعَةُ الشّٰفِعِيۡنَ ﴿٤٨﴾ | (٤٨) پوءِ (ان وقت) انهن کي سفارش ڪندڙن جي سفارش فائدو نہ ڏيندي (۽ هميشہ انهيءَ ۾ رهندا). |
| فَمَا لَهُمۡ عَنِ التَّذۡكِرَةِ مُعۡرِضِيۡنَ ﴿٤٩﴾ | (٤٩) پوءِ (هاڻي جڏهن هي سڀ ڇتيون حقيقتون انهن جي سامهون پيش ٿيون آهن تہ پوءِ بہ) انهن کي ڇا ٿيو آهي جو (قرآن واري) نصيحت کان منهن موڙيندڙ (ٿيا) آهن. |

كَاَنَّهُمْ حُمُرٌ مُّسْتَنْفِرَةٌ ﴿۵۰﴾

(٥٠) (جيڪي ڪنڌ ڪيائڻ لاءِ ائين ٽاهه ٽا ڪان) ڄڻ ته اهي (جهنگلي) ٿهندڙ گڏهه آهن.

فَرَّتْ مِنْ قَسْوَرَةٍ ﴿۵۱﴾

(٥١) جيڪي شينهن ڪان ڀڳا هجن.

بَلْ يُرِيْدُ كُلُّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ اَنْ يُّؤْتٰى صُحُفًا مُّنَشَّرَةً ﴿۵۲﴾

(٥٢) پر انهن مان هرهڪ مڙس گهري ٿي ته ان کي (ڪنهن اجتماعي نظام بجاءِ انفرادي مفادن واسطي) ڇٽا ڪتاب (قانون) ڏنا وڃن.

كَلَّا ۭ بَلْ لَّا يَخَافُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿۵۳﴾

(٥٣) ائين ته هرگز نه ٿيندو اهو ان ڪري آهي جو هو (عارضي مفاد تي نظر رکيون ويٺا آهن ۽ هميشه رهڻ واري) آخرت ڪان نٽا ڊڄن.

كَلَّآ اِنَّهٗ تَذْكِرَةٌ ﴿۵۴﴾

(٥٤) پڪ ڄاڻو ته بيشڪ هي قرآن هڪ ڪليل نصيحت آهي.

فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿۵۵﴾

(٥٥) پوءِ جيڪو (هن زندگي ۽ آخرت ۾ چڱايون) گهري سو ان مان نصيحت وٺي (ان جي مطابق زندگي گذاري).

وَمَا يَذْكُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۭ هُوَ اَهْلُ التَّقْوٰى وَاَهْلُ الْمَغْفِرَةِ ﴿۵۶﴾

(٥٦) ۽ اهي تڏهن ئي نصيحت حاصل ڪري سگهندا جڏهن الله گهري (۽ الله گهرندو تڏهن جڏهن هو الله جي رضا ۽ مشيت گهرندا هجن) اهوئي آهي جنهن ڪان ڊڄڻ گهرجي ۽ اهوئي (پاڻ ڪان ڊڄڻ وارن ۽ سندس قانون تي هلڻ وارن جون ڪوتاهيون) معاف ڪرڻ وارو آهي.

## سورة القيمہ –مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**چا انسان هي خيال ڪري ٿو ته اسين سندس هڏيون ڪڏهن به ڪين گڏ ڪنداسون؟**

لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ ﴿۱﴾

(١) (اي پيغمبر! چوين ته) ائين هرگز نه ٿيندو (جو اوهان کي حساب ڪتاب ڪان سواءِ ڇڏيو وڃي ان) قيامت جي ڏينهن جي شاهدي ڏيان ٿو (جڏهن عملن جا نتيجا سامهون ايندا.)

وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ ﴿۲﴾

(٢) ۽ (بڇڙي ڪم تي) ملامت ڪرڻ واري نفس کي شاهد بڻايان ٿو (ته عملن جو نتيجو سامهون اچڻو آهي، هتي دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به).

اَيَحْسَبُ الْاِنْسَانُ اَلَّنْ نَّجْمَعَ عِظَامَهٗ ﴿۳﴾

(٣) ڇا انسان هي خيال ڪري ٿو ته اسين سندس هڏيون ڪڏهن به ڪين گڏ ڪنداسون؟ (قيامت ۾ ڪيس زنده نه ڪنداسون ۽ ائين هو پنهنجي عملن جو نتيجو ڀوڳڻ ڪان بچي ويندو).

بَلٰى قٰدِرِيْنَ عَلٰٓى اَنْ نُّسَوِّيَ بَنَانَهٗ ﴿۴﴾

(٤) پڪ ڄاڻو ته (اسان لاءِ ائين ڪرڻ ڪجهه به ڏکيو ناهي) اسين ته سندس آڱرين جو ڏوڏن جي برابر ڪرڻ (درست بنائڻ) تي به قدرت رکندڙ آهيون.

بَلْ يُرِيْدُ الْاِنْسَانُ لِيَفْجُرَ اَمَامَهٗ ۝٥

(٥) پر (اصل ۾) انسان (ذميوارين جو بار کڻڻ کان لهرائي ٿو ۽) گهري ٿو ته پنهنجي باقي حياتيءَ ۾ (به پهنجي اڳ ۾ گذريل نفس پرستانه زندگيءَ وانگر) غلط عمل ڪندو رهي.

يَسْـَٔلُ اَيَّانَ يَوْمُ الْقِيٰمَةِ ۝٦

(٦) (اهائي ڳالهه ڪيس آخرت کان اکيون ٻوٽرائي ٿي ۽ هو) پڇي ٿو ته قيامت جو ڏينهن ڪڏهن ٿيندو.

فَاِذَا بَرِقَ الْبَصَرُ ۝٧

(٧) سو جڏهن (قيامت جي تاب سان) اکيون چنجهي پونديون.

وَخَسَفَ الْقَمَرُ ۝٨

(٨) ۽ چنڊ بي نور ڪيو ويندو.

وَجُمِعَ الشَّمْسُ وَالْقَمَرُ ۝٩

(٩) ۽ سج ۽ چنڊ کي گڏ (ڪري انهن جو تاب ۽ ڪم ختم) ڪيو ويندو.

يَقُوْلُ الْاِنْسَانُ يَوْمَىِٕذٍ اَيْنَ الْمَفَرُّ ۝١٠

(١٠) تڏهن انسان ان ڏينهن (سخت پريشانيءَ جي حالت ۾) چوندو ته ڀڄڻ جي جاءِ ڪٿي آهي؟

كَلَّا لَا وَزَرَ ۝١١

(١١) خبردار! (تنهنجي لاءِ) ڪا به پناهه جي جاءِ نه آهي.

اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَىِٕذِ ﹰالْمُسْتَقَرُّ ۝١٢

(١٢) تنهنجي پالڻهار وٽ ئي ان ڏينهن عدالت جو ڪٿڙو آهي.

يُنَبَّؤُا الْاِنْسَانُ يَوْمَىِٕذٍ بِمَا قَدَّمَ وَاَخَّرَ ۝١٣

(١٣) ان ڏينهن انسان کي انهن سڀني ڪمن جي خبر ڏني ويندي، جيڪي اڳي موڪليا هوندائين ۽ (جيڪي جاري ڪيل برا سلسلا) پٺتي ڇڏيا هوندائين.

بَلِ الْاِنْسَانُ عَلٰى نَفْسِهٖ بَصِيْرَةٌ ۝١٤

(١٤) (ان ڏينهن انسان کي ڪنهن اندرين ۽ ٻاهرين شاهديءَ جي ضرورت نه هوندي) پر انسان پاڻ تي پاڻ هڪ ثابتي هوندو.

وَّلَوْ اَلْقٰى مَعَاذِيْرَهٗ ۝١٥

(١٥) جيتوڻيڪ (پنهنجي عادت کان مجبور ٿي) پنهنجا بهانا پيش پيو ڪندو. (پر ان وقت سندس ڪو به بهانو نه هلندو).

لَا تُحَرِّكْ بِهٖ لِسَانَكَ لِتَعْجَلَ بِهٖ ۝١٦

(١٦) (اي رسول!) پنهنجيءَ زبان کي ان (وحي) سان (گڏ) هن لاءِ (تکڙو تکڙو) نه چور ته اهو جلد ياد ڪري وٺين.

اِنَّ عَلَيْنَا جَمْعَهٗ وَقُرْاٰنَهٗ ۝١٧

(١٧) (بيشڪ توکي ان لاءِ فڪر ڪرڻ جي ضرورت ناهي) ڇو ته ان جو (حفاظت سان اوهان جي سيني ۾) گڏ ڪرڻ ۽ (اوهان جي سيني ۾ جمع ڪري) پڙهڻ اسان جي ئي ذمي آهي.

فَاِذَا قَرَاْنٰهُ فَاتَّبِعْ قُرْاٰنَهٗ ۝١٨

(١٨) پوءِ جڏهن اسين قرآن پڙهون تڏهن تون قرآن جي پڙهڻ جي پيروي ڪر (يعني هاڻي ان کي پنهنجي زبان سان اهڙي طرح پڙهه جهڙيءَ طرح توهان کي پڙهي ٻڌايو ويو آهي).

ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا بَيَانَهٗ ﴿۱۹﴾

(١٩) وري ان جو (وضاحتن سان) مطلب سمجهائڻ (بہ) اسان جي ئي ذمي آهي. (جو اسان هڪ ئي مضمون مختلف آيتن ۾ وي وري آڻيون ٿا تہ جيئن ان مضمون جي چٽائي ٿئي.)

كَلَّا بَلْ تُحِبُّوْنَ الْعَاجِلَةَ ﴿۲۰﴾

(٢٠) (اي منڪرو! آخرت جي معاملي کي جيترو اوهان معمولي سمجهيو آهي) هرگز ائين نہ آهي، پر اوهين جلد ملڻ واريءَ شيءِ (دنيا سان) محبت ٿا ڪريو.

وَتَذَرُوْنَ الْاٰخِرَةَ ﴿۲۱﴾

(٢١) ۽ دير سان اچڻ واريءَ شيءِ (آخرت) کي ڇڏي وينا آهيو.

وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ نَّاضِرَةٌ ﴿۲۲﴾

(٢٢) ڪي منهن ان (آخرت واري) ڏينهن تازا (۽ هشاش بشاش) هوندا.

اِلٰى رَبِّهَا نَاظِرَةٌ ﴿۲۳﴾

(٢٣) (جيڪي وڏين محبتن ۽ نيازمندين سان) پنهنجي پالڻهار ڏي ڏسندڙ هوندا.

وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍۢ بَاسِرَةٌ ﴿۲۴﴾

(٢٤) ۽ ڪي منهن ان (آخرت واري) ڏينهن بڇرا هوندا.

تَظُنُّ اَنْ يُّفْعَلَ بِهَا فَاقِرَةٌ ﴿۲۵﴾

(٢٥) (اهي ماڻهو) ڀائيندا تہ ساڻن چيله ڀڃندڙ (تڪليف ده) معاملو ڪيو ويندو.

كَلَّآ اِذَا بَلَغَتِ التَّرَاقِيَ ﴿۲۶﴾

(٢٦) (تنهن ڪري خبردار ائين) هر گز نہ (ڪجانءِ جو آخرت کي وساري ڇڏين، ڇاڪاڻ جو آخرڪار توکي خدا سان منهن ڏيڻو آهي.) جڏهن (ساهہ) نڙگهٽ تي پهچندو آهي.

وَقِيْلَ مَنْ ۜ رَاقٍ ﴿۲۷﴾

(٢٧) ۽ چيو ويندو تہ آهي ڪو ڦيڻو رکڻ وارو (جو هن کي مرڻ کان بچائي).

وَّظَنَّ اَنَّهُ الْفِرَاقُ ﴿۲۸﴾

(٢٨) ۽ (ان وقت) هو پاڻ ڀائيندو آهي تہ هاڻي (دنيا کان) جدائي (جو وقت اچي ويو) آهي.

وَالْتَفَّتِ السَّاقُ بِالسَّاقِ ﴿۲۹﴾

(٢٩) ۽ (ان وقت سڪرات جي شدت کان) هڪ پني ٻي پنيءَ سان وچڙندي. (۽ پيرن ۾ حرڪت نہ رهندي).

اِلٰى رَبِّكَ يَوْمَئِذِ ِۨالْمَسَاقُ ﴿۳۰﴾

(٣٠) تڏهن ان ڏينهن تنهنجي پالڻهار ڏي ئي (توکي) ڪاهي هلڻو آهي.

رڪوع 2

**ڇا انسان هي خيال ڪري ٿو تہ ان کي بيڪار ڇڏيو ويو آهي.**

فَلَا صَدَّقَ وَلَا صَلّٰى ﴿۳۱﴾

(٣١) پوءِ (اي پيغمبر! ان شخص جي حالت ڏس جو الله جي پيغام کي) نہ سچو سمجهيائين ۽ نڪي (فرمانبرداريءَ جي عملي اظهار ۾) نماز پڙهيائين.

وَلٰكِنْ كَذَّبَ وَتَوَلّٰى ﴿۳۲﴾

(٣٢) پر (مڪافات جي قانونن کي) ڪوڙو ڪيائين ۽ (حڪمن تي هلڻ کان) منهن موڙيائين.

| | |
|---|---|
| ثُمَّ ذَهَبَ اِلٰٓى اَهۡلِهٖ يَتَمَطّٰى ؕ﴿۳۳﴾ | (٣٣) وري (پنهنجي ان روش تي) آڪڙجي پنهنجي گهر وارن ڏي هليو ويو. |
| اَوۡلٰى لَكَ فَاَوۡلٰى ۙ﴿۳۴﴾ | (٣٤) توتي افسوس جي پٺيان افسوس آهي! (جو تون خدائي قانونن جي پوئلڳي نہ ڪئي.) |
| ثُمَّ اَوۡلٰى لَكَ فَاَوۡلٰى ؕ﴿۳۵﴾ | (٣٥) وري توتي افسوس جي پٺيان افسوس آهي. (جو توکي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي). |
| اَيَحۡسَبُ الۡاِنۡسَانُ اَنۡ يُّتۡرَكَ سُدًى ؕ﴿۳۶﴾ | (٣٦) ڇا انسان هي ڀانئي ٿو تہ، ان کي (ائين حساب ڪتاب وٺڻ کان سواءِ) اجايو ڇڏيو ويندو؟ |
| اَلَمۡ يَكُ نُطۡفَةً مِّنۡ مَّنِىٍّ يُّمۡنٰى ۙ﴿۳۷﴾ | (٣٧) ڇا اهو (منڍ ۾ رڳو هڪ) منيءَ جو ڦڙو نہ هو جنهن کي (ماءُ جي ڳڀيرڻ ۾) وڌو ٿي ويو. |
| ثُمَّ كَانَ عَلَقَةً فَخَلَقَ فَسَوّٰى ۙ﴿۳۸﴾ | (٣٨) وري رت جو دڳ هو پوءِ (ان کي) پيدا ڪيائين. پوءِ (انهيءَ کي عضوا عطا ڪري) صحيح سالم ڪيائين. |
| فَجَعَلَ مِنۡهُ الزَّوۡجَيۡنِ الذَّكَرَ وَالۡاُنۡثٰى ؕ﴿۳۹﴾ | (٣٩) وري ان مان ٻہ جنسون نر ۽ مادي بڻايائين. |
| اَلَيۡسَ ذٰلِكَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنۡ يُّحۡـىِۦَ الۡمَوۡتٰى ﴿۴۰﴾ | (٤٠) ڇا اهو (خدا جنهن ابتدا ۾ پنهنجي قدرت سان هي سڀ ڪجهہ ڪيو سو) مئلن کي جيئرو نٿو ڪري سگهي؟ |

## سورة الدهر –مڪي

| | |
|---|---|
| بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

### رڪوع 1

**انسان کي چوڻڪاري حاصل ڪرڻ جي لاءِ سگهہ ۽ هدايت ڏنل آهي. ان کان ڪم نہ ورتائين تہ پڇتائيندو. بيشڪ اسان شاڪر ۽ ناشاڪر بڻجي جي رستو ڏيکاريو.**

| | |
|---|---|
| هَلۡ اَتٰى عَلَى الۡاِنۡسَانِ حِيۡنٌ مِّنَ الدَّهۡرِ لَمۡ يَكُنۡ شَيۡـًٔا مَّذۡكُوۡرًا ﴿۱﴾ | (١) بيشڪ انسان تي زماني ۾ اهڙو وقت (بہ) گذريو آهي، جنهن ۾ هو ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ هو جنهن جي ڳالهہ ڪٿي وڃي. |
| اِنَّا خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ مِنۡ نُّطۡفَةٍ اَمۡشَاجٍ ۖ نَّبۡتَلِيۡهِ فَجَعَلۡنٰهُ سَمِيۡعًۢا بَصِيۡرًا ﴿۲﴾ | (٢) بيشڪ اسان انسان کي (مرد ۽ عورت جي) گڏيل نطفي مان پيدا ڪيو (۽ ماءُ جي پيٽ ۾ اهڙيءَ طرح صلاحيتن سان ان کي ناهيو) جو (اڳتي هلي) ان کي آزمائش ۾ آڻيون. پوءِ ان کي ٻڌندڙ ڏسندڙ ڪيوسون. |
| اِنَّا هَدَيۡنٰهُ السَّبِيۡلَ اِمَّا شَاكِرًا وَّاِمَّا كَفُوۡرًا ﴿۳﴾ | (٣) بيشڪ اسان (ان سوچ ۽ سمجهہ جي قابل) انسان کي (وحي وارو) هدايت جو رستو ڏيکاريو، پوءِ هو شڪر ڪندڙ بڻجي يا انڪار ڪندڙ. |
| اِنَّآ اَعۡتَدۡنَا لِلۡكٰفِرِيۡنَ سَلٰسِلَاۡ وَاَغۡلٰلًا وَّسَعِيۡرًا ﴿۴﴾ | (٤) بيشڪ اسان انڪار ڪندڙن لاءِ زنجير، ڳچيءَ جو ڳٽ ۽ ٻرندڙ باهہ تيار ڪري رکي آهي. |

إِنَّ الْأَبْرَارَ يَشْرَبُونَ مِنْ كَأْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُورًا ۝٥

(٥) بيشڪ نيڪ بخت اهڙي (مشروب جي)پيالي مان پيئندا جنهن ۾ ملاوٽ ڪافور جي ٿيندي.

عَيْنًا يَشْرَبُ بِهَا عِبَادُ اللَّهِ يُفَجِّرُونَهَا تَفْجِيرًا ۝٦

(٦) (اهو ڪافور) جيڪو هڪ چشمو آهي، جنهن مان الله جا (خاص) ٻانها پيئندا (جتي وٽندن اتي) ان کي وهائي ويندا.

يُوفُونَ بِالنَّذْرِ وَيَخَافُونَ يَوْمًا كَانَ شَرُّهُ مُسْتَطِيرًا ۝٧

(٧) اهي (ماڻهو دنيا ۾ الله جي جي اطاعت بابت ڪنيل ذميواريءَ جي) ٻاس کي پورو ڪن ٿا ۽ اهڙي ڏينهن کان ڊڄن ٿا جنهن جي بڇڙائي پکڙيل هوندي.

وَيُطْعِمُونَ الطَّعَامَ عَلَىٰ حُبِّهِ مِسْكِينًا وَيَتِيمًا وَأَسِيرًا ۝٨

(٨) ۽ سندس محبت تي هوندي مسڪين، يتيم ۽ قيديءَ (جي ضرورتن کي پورو ڪن ٿا ۽ انهن) کي ڪاڌو ڪارائين ٿا.

إِنَّمَا نُطْعِمُكُمْ لِوَجْهِ اللَّهِ لَا نُرِيدُ مِنْكُمْ جَزَاءً وَلَا شُكُورًا ۝٩

(٩) (۽ چون ٿا ته) اسين اوهان (تي ڪوبه احسان نٿا ڪريون.) رڳو الله جي رضامندي لاءِ ڪاڌو ڪارايون ٿا.

إِنَّا نَخَافُ مِنْ رَبِّنَا يَوْمًا عَبُوسًا قَمْطَرِيرًا ۝١٠

(١٠) بيشڪ اسين پنهنجي پالڻهار جي طرفان (ذري ذري جو حساب ڪتاب ڏيڻ واري) هڪ ڏکئي (۽) تمام سخت ڏينهن کان ڊڄون ٿا.

فَوَقَاهُمُ اللَّهُ شَرَّ ذَٰلِكَ الْيَوْمِ وَلَقَّاهُمْ نَضْرَةً وَسُرُورًا ۝١١

(١١) پوءِ (ان عمل جي نتيجي ۾) الله انهن کي ان (ڏينهن) جي بڇڙائيءَ (۽ هلاڪت) کان بچايو، ۽ انهن کي تازگيء ۽ خوشي پهچايائين.

وَجَزَاهُمْ بِمَا صَبَرُوا جَنَّةً وَحَرِيرًا ۝١٢

(١٢) ۽ سندن ثابت قدميءَ جي ڪري انهن کي باغ ۽ ريشم بدلي ۾ ڏنائين.

مُتَّكِئِينَ فِيهَا عَلَى الْأَرَائِكِ ۖ لَا يَرَوْنَ فِيهَا شَمْسًا وَلَا زَمْهَرِيرًا ۝١٣

(١٣) ان (باغ) ۾ پلنگن تي ٽيڪ لڳائي ويهندا. نہ ان ۾ (سج جي گرمائيندڙ) اس ۽ نہ سخت (ڏڪائيندڙ) سردي ڏسندا.

وَدَانِيَةً عَلَيْهِمْ ظِلَالُهَا وَذُلِّلَتْ قُطُوفُهَا تَذْلِيلًا ۝١٤

(١٤) ۽ ان باغ جون ڇانئون (شاخون) مٿن ويجهيون (جهڪيل) هونديون ۽ ان جا ميوا چڱيءَ طرح لٽڪايا ويا هوندا. (مطلب تہ راحت جي ڪابہ شيءَ سندن گرفت کان ٻاهر نہ هوندي).

وَيُطَافُ عَلَيْهِمْ بِآنِيَةٍ مِنْ فِضَّةٍ وَأَكْوَابٍ كَانَتْ قَوَارِيرَا ۝١٥

(١٥) ۽ وٽن چانديءَ جي ٿانون اهڙن پيالن سان (خادمن جي) اچ وڃ ٿيندي جيڪي شيشي جا هوندا.

قَوَارِيرَ مِنْ فِضَّةٍ قَدَّرُوهَا تَقْدِيرًا ۝١٦

(١٦) (پر اهو) شيشو چانديءَ جهڙو (چمڪندڙ) هوندو. جن کي (پورو) اندازو ڪري بنايو ويو هوندو.

وَيُسْقَوْنَ فِيهَا كَأْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيلًا ۝١٧

(١٧) ۽ ان ۾ کين اهڙو پيالو پيارو ويندو جنهن ۾ ملاوٽ سنڍ (چشمي) جي هوندي.

عَيْنًا فِيهَا تُسَمَّىٰ سَلْسَبِيلًا ۝١٨

(١٨) جو ان ۾ هڪ چشمو آهي جنهن جو نالو سلسبيل رکيو ويجي ٿو.

وَ يَطُوۡفُ عَلَيۡهِمۡ وِلۡدَانٌ مُّخَلَّدُوۡنَ ۚ اِذَا رَاَيۡتَهُمۡ حَسِبۡتَهُمۡ لُؤۡلُؤًا مَّنۡثُوۡرًا ﴿۱۹﴾

(١٩) ۽ هميشه (ننڍا) رهڻ وارا ڇوڪرا (خادم سندن خدمت لاءِ) وٽن پيا ايندا ويندا. (اي ڏسندڙ) جڏهن تون کين ڏسندين ته انهن کي پکڙيل موتي خيال ڪندين.

وَ اِذَا رَاَيۡتَ ثَمَّ رَاَيۡتَ نَعِيۡمًا وَّ مُلۡكًا كَبِيۡرًا ﴿۲۰﴾

(٢٠) ۽ جڏهن اتي ڏسندين (۽ جيڏانهن به نظر ڦيرائي ڏسندين) ته نعمت ۽ وڏي بادشاهي ڏسندين.

عٰلِيَهُمۡ ثِيَابُ سُنۡدُسٍ خُضۡرٌ وَّ اِسۡتَبۡرَقٌ ۫ وَّ حُلُّوۡۤا اَسَاوِرَ مِنۡ فِضَّةٍ ۚ وَ سَقٰهُمۡ رَبُّهُمۡ شَرَابًا طَهُوۡرًا ﴿۲۱﴾

(٢١) مٿن سنهي ريشم جا ساوا ڪپڙا ۽ ريشم جا ٿلها ڪپڙا هوندا. ۽ انهن کي (اميري شان سان) چانديءَ جا ڪنگڻ پارايا ويندا، ۽ سندن پالڻهار کين تمام پاڪ پيئڻ جون شيون پياريندو.

اِنَّ هٰذَا كَانَ لَكُمۡ جَزَآءً وَّ كَانَ سَعۡيُكُمۡ مَّشۡكُوۡرًا ﴿۲۲﴾ ع

(٢٢) (کين چيو ويندو ته) بيشڪ اهو اوهان (جي پنهنجي نيڪ عملن) جو بدلو آهي ۽ اوهان جي ڪوشش (ڏسو ته ڪيئن نه) قبول ڪيل آهي.

رڪوع 2

**پنهنجي پالڻهار جو نالو صبح ۽ سانجهي ياد ڪر.**

اِنَّا نَحۡنُ نَزَّلۡنَا عَلَيۡكَ الۡقُرۡاٰنَ تَنۡزِيۡلًا ۚ ﴿۲۳﴾

(٢٣) بيشڪ اسان توتي قرآن ٿورو ٿورو ڪري نازل ڪيو آهي. (ته جيئن ان تي گڏو گڏ عمل به ٿيندو رهي).

فَاصۡبِرۡ لِحُكۡمِ رَبِّكَ وَلَا تُطِعۡ مِنۡهُمۡ اٰثِمًا اَوۡ كَفُوۡرًا ۚ ﴿۲۴﴾

(٢٤) پوءِ تون پنهنجي پالڻهار جي حڪم تي ثابت قدم رهه ۽ انهن مان ڪنهن به (اهڙي) ڏوهي يا ڪافر جو چيو ٿاري ڇڏ (جنهن جو مقصد تو کي ان رستي تان ٿڙڪائڻ آهي).

وَاذۡكُرِ اسۡمَ رَبِّكَ بُكۡرَةً وَّ اَصِيۡلًا ۚ ﴿۲۵﴾

(٢٥) ۽ (ان کان بچڻ جو طريقو هي آهي ته تون) پنهنجي پالڻهار جو نالو صبح ۽ سانجهي ياد ڪر.

وَمِنَ الَّيۡلِ فَاسۡجُدۡ لَهٗ وَسَبِّحۡهُ لَيۡلًا طَوِيۡلًا ﴿۲۶﴾

(٢٦) ۽ ڪجهه وقت رات جو ان کي سجدو ڪر ۽ گهڻي رات سندس پاڪائي ۽ عظمت بيان ڪندو رهه.

اِنَّ هٰۤؤُلَآءِ يُحِبُّوۡنَ الۡعَاجِلَةَ وَ يَذَرُوۡنَ وَرَآءَهُمۡ يَوۡمًا ثَقِيۡلًا ﴿۲۷﴾

(٢٧) (جيڪي ماڻهو تنهنجا مخالف آهن) بيشڪ اهي جلد ملڻ واري (مفاد واري) شيءِ کي پسند ڪن ٿا ۽ بيحد ڳوري (حساب ڪتاب واري) ڏينهن کي پنهنجي پٺيان ڦٽو ڪن ٿا.

نَحۡنُ خَلَقۡنٰهُمۡ وَ شَدَدۡنَاۤ اَسۡرَهُمۡ ۚ وَ اِذَا شِئۡنَا بَدَّلۡنَاۤ اَمۡثَالَهُمۡ تَبۡدِيۡلًا ﴿۲۸﴾

(٢٨) (اهي پنهنجي طاقت تي اڪڙجن ٿا حالانڪ) اسان ئي انهن کي پيدا ڪيو آهي ۽ سندن سنڌ مضبوط ڪيا آهن ۽ (اهي اسان جي قانونن جي مخالفت ۾ حد ٽپي ويا ته پوءِ) جڏهن اسين گهرنداسون ته (کين برباد ڪري) انهن جهڙا ٻيا بدلي ۾ آڻينداسين.

اِنَّ هٰذِهٖ تَذْكِرَةٌ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ سَبِيْلًا ﴿٢٩﴾

(٢٩) بيشڪ هيءَ (هڪ چٽي حقيقت ۽) نصيحت آهي. پوءِ جيڪو گهري تہ (ان مان عبرت حاصل ڪري) پنهنجي پاليندڙ ڏي ويندڙ رستو وٺي.

وَمَا تَشَآءُوْنَ اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ ۭ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَلِيْمًا حَكِيْمًا ﴿٣٠﴾

(٣٠) ۽ اوهين الله جي گهر کان سواءِ (ان ڏي ويندڙ رستي وٺڻ جو) ارادو ڪري نٿا سگهو. ڇو تہ الله (اوهان جي دلين جي سچائي متعلق سڀ ڪجهہ) ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي.

يُّدْخِلُ مَنْ يَّشَآءُ فِيْ رَحْمَتِهٖ ۭ وَالظّٰلِمِيْنَ اَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا اَلِيْمًا ﴿٣١﴾

(٣١) جنهن کي وڻيس (تہ سندس دل جو حضور قبول ڪري) ان کي پنهنجي رحمت ۾ داخل ڪري ٿو ۽ (جيڪو الله جي قانونن مڃڻ ۾ اٽڪل بازيءَ جي زيادتي ڪري ٿو تہ اهڙن) لاءِ دردناڪ عذاب تيار ڪري رکيو اٿس.

## سورة المرسلات –مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**ان ڏينهن الله جي ڳالهين کي ڪوڙو ڪندڙن جي لاءِ وڏي خرابي آهي.**

وَالْمُرْسَلٰتِ عُرْفًا ﴿١﴾

(١) هڪٻئي جي پٺيان موڪليل (نرم هوائن ۽ ٻين اهڙين ڪائناتي حقيقتن) جو قسم آهي.

فَالْعٰصِفٰتِ عَصْفًا ﴿٢﴾

(٢) پوءِ زور ڏيکاريندڙن (اهڙين حقيقتن) جو قسم آهي (جيڪي انهن شين کي ٽڪڻ نہ ٿيون ڏين، جن جو ٽڪڻ مناسب نہ آهي.)

وَّالنّٰشِرٰتِ نَشْرًا ﴿٣﴾

(٣) پوءِ (مسرتون ۽ خوشحالي آڻيندڙ شين جي) پکيڙڻ وارين (اهڙين حقيقتن) جو قسم آهي.

فَالْفٰرِقٰتِ فَرْقًا ﴿٤﴾

(٤) پوءِ (چٽيءَ طرح مفيد ۽ غيرمفيد کي ۽ حق ۽ باطل کي) جدا ڪرڻ وارين (حقيقتن) جو قسم آهي.

فَالْمُلْقِيٰتِ ذِكْرًا ﴿٥﴾

(٥) پوءِ (انهن ڪائناتي حقيقتن کي) رسائيندڙ (ملائڪن) جو قسم آهي.

عُذْرًا اَوْ نُذْرًا ﴿٦﴾

(٦) جيڪي (ماڻهن جو) عذر ۽ بهانو وڃائڻ يا ڊيڄارڻ لاءِ (حقيقتون ۽ نصيحت پهچائيندا آهن.)

اِنَّمَا تُوْعَدُوْنَ لَوَاقِعٌ ﴿٧﴾

(٧) (الله جي تدبيرن وارو هي سڄو نظام هن ڳالهہ تي شاهد آهي تہ) جنهن (آخرت واري ڳالهہ) جو اوهان کي انجام ڏنو وڃي ٿو سا ضرور ٿيڻ واري آهي.

فَاِذَا النُّجُوْمُ طُمِسَتْ ﴿٨﴾

(٨) پوءِ جڏهن تارا ميٽيا ويندا.

وَاِذَا السَّمَآءُ فُرِجَتْ ﴿٩﴾

(٩) ۽ جڏهن آسمان کوليو ويندو.

وَاِذَا الْجِبَالُ نُسِفَتْ ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ جڏهن جبل اڏايا ويندا.

| | |
|---|---|
| وَاِذَا الرُّسُلُ اُقِّتَتْ ؕ ﴿١١﴾ | (١١) ۽ جڏهن رسولن کي مقرر وقت تي گڏ ڪيو ويندو. |
| لِاَيِّ يَوْمٍ اُجِّلَتْ ؕ ﴿١٢﴾ | (١٢) ڪهڙي ڏينهن لاءِ (منڪرن جي معاملي کي) ترسايو ويو آهي؟ |
| لِيَوْمِ الْفَصْلِ ۚ ﴿١٣﴾ | (١٣) فيصلي جي ڏينهن لاءِ (جو ان ڏينهن هر شيءِ پڌري ٿي سامهون ايندي.) |
| وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الْفَصْلِ ؕ ﴿١٤﴾ | (١٤) ۽ (وحي جي ٻڌائڻ کان سواءِ) توکي ڪهڙي خبر ته فيصلي جو ڏينهن ڇا آهي؟ |
| وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٥﴾ | (١٥) ان ڏينهن (خدا جي مقرر ڪيل قانونن کي) ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. |
| اَلَمْ نُهْلِكِ الْاَوَّلِيْنَ ؕ ﴿١٦﴾ | (١٦) (انهن ڪوڙي ڪندڙن کان پڇو ته) ڇا اسان پهرين کي هلاڪ نه ڪيو؟ |
| ثُمَّ نُتْبِعُهُمُ الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٧﴾ | (١٧) وري (ان کانپوءِ ساڳي روش تي هلڻ ڪري) پوئين کي انهن جي پٺيان (ساڳي هلاڪت سان) هلائيندا سون. |
| كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿١٨﴾ | (١٨) (اها ڳالهه نه ڪنهن خاص دور ۾ ڪيون ٿا نه ڪنهن خاص قوم لاءِ بلڪ) ڏوهارين لاءِ اسان اهڙي طرح ئي ڪندا آهيون. |
| وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿١٩﴾ | (١٩) پڪ ڄاڻ ته ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. (جيڪي قومن جي انهيءَ تاريخي عمل مان به نتيجا حاصل نٿا ڪن). |
| اَلَمْ نَخْلُقْكُّمْ مِّنْ مَّآءٍ مَّهِيْنٍ ۙ ﴿٢٠﴾ | (٢٠) (پنهنجي داخلي ڪائنات ۾ غور ڪيو ته) ڇا اسان اوهان کي خسيس پاڻيءَ مان نه پيدا ڪيو. |
| فَجَعَلْنٰهُ فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ۙ ﴿٢١﴾ | (٢١) پوءِ ان کي (ماديءَ جي بيضي واري) مضبوط جاءِ ۾. |
| اِلٰى قَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ۙ ﴿٢٢﴾ | (٢٢) هڪ مقرر اندازي تائين رکيوسون. |
| فَقَدَرْنَا ۖ فَنِعْمَ الْقٰدِرُوْنَ ﴿٢٣﴾ | (٢٤) پوءِ (ٻولائتو) اندازو بيهاريوسون، پوءِ (ڪهڙو نه) بهتر انداز بيهاريندڙ آهيون. |
| وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٢٤﴾ | (٢٤) پڪ ڄاڻ ته ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي، (جيڪي پنهنجي انو کي تخليق مان به نتيجا حاصل نٿا ڪن). |
| اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا ۙ ﴿٢٥﴾ | (٢٥) (پنهنجي خارجي ڪائنات ۾ غور ڪيو ته) ڇا اسان زمين کي، (گول هئڻ جي باوجود ان جي ڪشش ثقل سان شين کي) سميٽڻ وارو نه ڪيو آهي. |
| اَحْيَآءً وَّاَمْوَاتًا ۙ ﴿٢٦﴾ | (٢٦) جيڪا جيئرن ۽ مئلن (سيني) کي (سمائي رکي ٿي). |

وَّجَعَلۡنَا فِيۡهَا رَوَاسِىَ شٰمِخٰتٍ وَّاَسۡقَيۡنٰكُمۡ مَّآءً فُرَاتًا ؕ﴿۲۷﴾

(٢٧) ۽ ان ۾ اسان وڏا جبل (ميخون بنائي) رکيا آهن ۽ اسان اوهان کي اڄ لاهڻ وارو پاڻي پيئاريو آهي.

وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۲۸﴾

(٢٨) پڪ ڄاڻ ته ان ڏينهن کوڙي کندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. (جيکي پنهنجي چوڌاري انوکين تخليقن مان به فرمانبرداريءَ جو سبق نٿا پرائن).

اِنۡطَلِقُوۡۤا اِلٰى مَا كُنۡتُمۡ بِهٖ تُكَذِّبُوۡنَ ۚ﴿۲۹﴾

(٢٩) (پوءِ نافرمانن کي ان ڏينهن چيو ويندو ته) جنهن شيءَ کي اوهين کوڙو کندا هئا تنهن ڏي هلو!

اِنۡطَلِقُوۡۤا اِلٰى ظِلٍّ ذِىۡ ثَلٰثِ شُعَبٍ ۙ﴿۳۰﴾

(٣٠) ٽن ڦاڪن واريءَ (دونهين جي) ڇانوَ ڏي هلو.

لَّا ظَلِيۡلٍ وَّلَا يُغۡنِىۡ مِنَ اللَّهَبِ ؕ﴿۳۱﴾

(٣١) جنهن ۾ نه ته ڇانو آهي ۽ نه باهه جي ڄر کان بچائيندي.

اِنَّهَا تَرۡمِىۡ بِشَرَرٍ كَالۡقَصۡرِ ۚ﴿۳۲﴾

(٣٢) بيشڪ اها ماڙيءَ جهڙا (ايا) شعلا اڇلائي ٿي.

كَاَنَّهٗ جِمٰلَتٌ صُفۡرٌ ؕ﴿۳۳﴾

(٣٣) ڄڻ ته اهي (شعلا ناهن) هيڊا اُٺ آهن.

وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۳۴﴾

(٣٤) پڪ ڄاڻ ته ان ڏينهن کوڙي کندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. (هي ته صرف ان جو هڪ رخ آهي.)

هٰذَا يَوۡمُ لَا يَنۡطِقُوۡنَ ۙ﴿۳۵﴾

(٣٥) هي اهو ڏينهن آهي، جنهن ۾ نه اُهي (ڏوهاري) ڳالهائيندا.

وَلَا يُؤۡذَنُ لَهُمۡ فَيَعۡتَذِرُوۡنَ ﴿۳۶﴾

(٣٦) ۽ نه کين اجازت ملندي ته کو عذر پيش کن.

وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ﴿۳۷﴾

(٣٧) پڪ ڄاڻ ته ان ڏينهن کوڙي کندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي.

هٰذَا يَوۡمُ الۡفَصۡلِ ۚ جَمَعۡنٰكُمۡ وَالۡاَوَّلِيۡنَ ﴿۳۸﴾

(٣٨) (کين چيو ويندو ته) هي فيصلي جو ڏينهن آهي، اسان اوهان کي ۽ پهرين کي هتي گڏ کيو آهي.

فَاِنۡ كَانَ لَـكُمۡ كَيۡدٌ فَكِيۡدُوۡنِ ﴿۳۹﴾

(٣٩) پوءِ (اوهان دنيا ۾ اسان جي موکليل دين خلاف وڏيون وڏيون رٿون رٿيندا هيئو) جيڪڏهن اوهان وٽ کا بچڙي رٿ باقي آهي ته (اڄ حساب ڪتاب کان بچڻ لاءِ اها) رٿ مون تي هلايو.

وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ۚ﴿۴۰﴾

(٤٠) پڪ ڄاڻ ته ان ڏينهن کوڙي کندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي.

رکوع 2

**قرآن کان پوءِ کهڙي ڳالهه آهي جنهن تي اوهان ايمان آڻيندو.**

اِنَّ الۡمُتَّقِيۡنَ فِىۡ ظِلٰلٍ وَّعُيُوۡنٍ ۙ﴿۴۱﴾

(٤١) (ان جي ابتڙ) جيکي ماڻهو (خدائي قانونن تي) پاڻ کي سنڀالي هلن ٿا سي ڇانون ۽ چشمن وارا هوندا.

وَّفَوَاكِهَ مِمَّا يَشۡتَهُوۡنَ ؕ﴿۴۲﴾

(٤٢) ۽ جن ميون جي خواهش کندا تن ۾ هوندا.

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا هَنِيْٓـًٔا بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾

(٤٣) (۽ چئبن تہ) جيڪي ڪم اوهين (دنيا ۾) ڪندا هئا انهن جي ڪري مزي سان کائو ۽ پيئو.

اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِى الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٤٤﴾

(٤٤) بيشڪ اسين اهڙيءَ طرح ئي نيڪي ڪندڙن کي بدلو ڏيون ٿا.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٥﴾

(٤٥) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي.

كُلُوْا وَتَمَتَّعُوْا قَلِيْلًا اِنَّكُمْ مُّجْرِمُوْنَ ﴿٤٦﴾

(٤٦) (اي پيغمبر ڪين چئو تہ. اوهان هن دنيا ۾ ٿورڙن طبعي مفادن جي ڪِي پيا آهيو سو) ٿورو وقت کائي وٺو ۽ مزا ڪري وٺو (پر اوهان خدائي نافرماني ڪري انساني حق پائمال ڪيو ٿا. سو) بيشڪ اوهين ڏوهاري آهيو.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٧﴾

(٤٧) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ ارْكَعُوْا لَا يَرْكَعُوْنَ ﴿٤٨﴾

(٤٨) ۽ جڏهن انهن کي چئجي ٿو تہ. (الله جي اڳيان) جهڪو تہ نٿا جهڪن.

وَيْلٌ يَّوْمَئِذٍ لِّلْمُكَذِّبِيْنَ ﴿٤٩﴾

(٤٩) پڪ ڄاڻ تہ ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي.

فَبِاَيِّ حَدِيْثٍۢ بَعْدَهٗ يُؤْمِنُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع

(٥٠) (اسان سڀ ڳالهيون هن آخري هدايت ۾ وضاحت سان بيان ڪري ڇڏيون آهن. سو) ان قرآن کان (هٽي) پوءِ ٻي ڪهڙي ڳالھ تي ايمان آڻيندا؟